

اُداس ريڪائون
(شاعري)
مولوي محمد يامين شورو

اُداس ريڪائون

(شاعري)

مولوي محمد يامين شورو

سنڌي ادبي سنگت، باغ چنہ
2015ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گھر

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو : اُداس ريڪائون
شاعر : مولوي محمد يامين شورو
ڇاپو : (پهريون) 2015ع
ٽائٽل ڊزائين : مور ساگر
ڪمپوزنگ : آفتاب حسين ميمڻ
ساحل پرنٽرز رابعہ اسڪوائر حيدرآباد.
ڇاپائيندڙ : سنڌي ادبي سنگت باغ چنہ. ضلعو گھوٽڪي
ڇپيندڙ : سچائيءَ اشاعت گھر-ڊڙو. حيدرآباد

قيمت: =/Rs: 150

UDAAS REKHA'ON
Published by: Sindhi Adabi Sangat Bag Channa
Edition First, 2015. Cell: 0313-3717577
Price Rs. 150/-

اڻپنا

انهيءَ الهڙ جواني‌ءَ جي نالي

جيڪا پريت سمنڊ

جي مست چولين ۾

لڙهي، هجر ۽ فراق

جي ڪُنڌ ۾

پاڙ ڏنا ڪري

اهر ٿي

ويئي.

سنڌ سلامت پارٽي :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **"اداس ريڪائون"** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب **مولوي محمد يامين شورو** صاحب جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

مولوي محمد يامين شورو، سنڌي ٻولي جو نالياورو ليکڪ آهي. سندس حج جو سفر نامو "مسٽ ڪان مديني تائين" تمام گهڻو معلوماتي ۽ پڙهيو ويندڙ سفرنامو آهي. مولوي صاحب جون لکڻيون، مختلف موضوعن تي اخبارن ۽ رسالن جي زينت بنجنديون رهن ٿيون. مولوي يامين شورو غزلن کان علاوه شاعريءَ جي ٻين صنفن تي پڻ طبع آزمائي ڪئي آهي.

هي ڪتاب **سچائي اشاعت گهر، دڙو** وٽان 2015ع ۾ سنڌي ادبي سنگت باغ چنه پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون فهيم فدا شورو جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت لاءِ موڪلي.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڈيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پنهنجي پاران

سنڌي ادبي سنگت باغ چنہ، ضلع گھوٽڪيءَ پاران محترم محمد يامين شورو جي چونڊ غزلن جو مجموعو "اُداس ريڪائون" اوهان جي خدمت ۾ حاضر آهي. مولوي يامين شورو سنڌي ٻولي جو نالياورو ليکڪ آهي. سندس حج جو سفر نامو "مسڙ کان مدينو تائين" تمام گھڻو معلوماتي ۽ پڙهيو ويندڙ سفرنامو آهي. مولوي صاحب جون لکڻيون، مختلف موضوعن تي اخبارن ۽ رسالن جي زينت بنجنديون رهن ٿيون. مولوي يامين شورو غزلن کان علاوه شاعريءَ جي ٻين صنف تي پڻ طبع آزمائي ڪئي آهي.

سنگت باغ چنہ، نہ رڳو ادبي ويھڪن ۽ پروگرامن ڪرڻ ۾ سرگرم آهي، پر سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم ۾ پڻ ڀرپور حصو وٺندي رهي آهي ۽ هاڻ اسان ڪتابن ڇپائڻ جو سلسلو پڻ شروع ڪيو آهي، هيءُ ان سلسلي جو پهريون ڪتاب آهي انشاءَ الله اهو سلسلو هلندو رهندو.

سنڌي ادبي سنگت باغ چنہ کي محترم يوسف سنڌيءَ جي سيڪريٽري جنرل واري دور ۾ الحاق مليو هو. جنهن لاءِ اسين سندس ٿورائتا آهيون. ۽ هن ڪتاب جي ڇپائي پڻ حيدرآباد ۾ محترم يوسف سنڌي جي نگراني ۾ ئي تي سندس وڏا وڙ.

حفيظ چنا
سيڪريٽري
سنڌي ادبي سنگت_باغ چنہ

بسم الله الرحمن الرحيم

سُبحان جي ساراهه

جُڙيو جوڙ جڳ جو آ جنسار ڪهڙو!
بنايو آ سُبحان سنسار ڪهڙو!

قلم، لوح، ڪرسي زمين آسمان،
گهڙيءَ ۾ بنيو آهي گلزار ڪهڙو!

قمر، شمس، ڳتيون، ستارا سوين،
لِکان ڇا لَکن جو مان اظهار ڪهڙو!

ملائڪ مُقرب ڪِ حورون هزار،
ڪيو "ڪُن" سان قيوم ڪردار ڪهڙو!

رهن ري ڇُٽپ جت ٿا رضوان ڳئين،
انهي عرش جو آهي اسرار ڪهڙو!

رکيا راز رب رات ۾ ڏينهن ۾،
نئين سج نمونو ٿيو نروار ڪهڙو!

ڪرشما ڪروڙين سي قدرت سندا،
گهمي ڏس گهڙيءَ ۾ آ گلزار ڪهڙو!

جبل جت نديون واهه ڏورا ڏنڏون،
ڪيو ڏس ڪرم آهه ڪلتار ڪهڙو!

پريون جِن انسان عدد ۾ اَپار،
ازل ۾ ڪيو تن آ اقرار ڪهڙو!

وساريائون دل تان دنيا ۾ رهي،
انهن اڄ ڪيو آهي انڪار ڪهڙو!

خدا جو نه "شورا" ٿئي خوف ڪنهن،
ڪريءَ ڀَالهه تان ڪر ڪي آ خار ڪهڙو!

***

(19 جون 1980 ڪنگورو، پُوٽ مولوي عبدالحئي نوحاڻي)

نعتيہ غزل

هِت هزارين حسن وارا، پر هنئين ۾ هيڪڙو،
سئو سُجهن ٿا سونهن وارا، پر هنئين ۾ هيڪڙو.

سج ستارا قمر ڪتيون، ڪِيئن برابر ٿي ٻيهن؟
نِج نوراني نظارا، پر هِنئين ۾ هيڪڙو.

سونهن تنهنجي سان سڃو سنسار ويو سينگارجي،
حُسن ۾ ڳَئين هاڪَ وارا، پر هنئين ۾ هيڪڙو.

واهه واهه واکاڻ وائي، هت حَسنين جي هلي،
نِت نرالا نينهن نعرا، پر هينئين ۾ هيڪڙو.

منهن پَسا محبوب منور آهين عالَم آسرو،
تاب تجلا طور وارا، پر هنئين ۾ هيڪڙو.

حُسنِ يوسف جي جهلڪ هٽندي نہ توسان هام ڪا،
تنهن اُهائو آشڪار، پر هنئين ۾ هيڪڙو.

ڪُل مسيحي معجزا، يا موسوي جاني جهاد،
لَحن دائودي دلارا، پر هنئين ۾ هيڪڙو.

درد "شوري" جا دفع، جي دم اندر ديدار ٿئي،
ميڙجن مون سور سارا، پر هنئين ۾ هيڪڙو.

***

(12 آڪٽوبر 1982ع ڏينهن اربع، سريوال ڳوٺ لڱ)

غزل

اسر ويلي اُٽيس آئون تہ اٹ اوٽي نہ اوٽيڑا،
پرهہ جو ٽي ڪٹان پيرا پلاڙ نہ پوش پوٽيڑا.

جڏيءَ جو جيءَ جلائي جت، وٽي ويا ور سندم واري،
قطاري ڪيچ ڏي ڪرها مڙئي ٽيا ماڳ موٽيڑا.

ڪاهيندیس ڪيچ ڏي سرتيون، سِڪي ٽو ساهہ سسئي جو،
هيڏيءَ کان هوت ويو هليو، جهوريءَ جولان جوٽيڑا.

روئان روهہ ۾ وٽيو راهون، پنهل پيرا نہ ڏيرن ڏس،
ڇپر ۾ ڇا ڪري ڇوري؟ ڇِپن ڇليوس ڇوڏيڑا.

جتن جا ڪئي آهي جيڏيون، سوا سسئي نہ ٻيو سمجهي،
هميشہ حشر ۾ هوندا ٿلها ٽانگر سي ٽوڙيڑا.

پڇايان ٽي پنهل پب ۾ آريءَ جا اٹ لنگهيا لڪ کان؟
ڏنو ڏونگر نہ ڏس ڏاگهن، "تہ آيا هت ڪي اوٽيڑا"

رڙهان ٽي روهہ ۾ روئندي سوا سورن نہ ٻيو ساٿي،
آرين احوال ڏي "شورا" تہ ڪي آهينِ اوڏيڑا.

***

(10 جون 1980ع ڳوٺ مولوي عبدالحئي نوحاڻي ڪنگورو ڊگهڙي)

يَدِبيضا تہ ڇا يوسف، سڃڻ جو سوجهرو وڏ وڏ،
عجيبن جي ڪيو ابرو تکي تلوار جيان اڏ اڏ.

چڪيم جا چاشني چپ جي، شهد شڪر کان وڏ شيرين،
اگهيون آهون عرض آسون، سقيمن ساب پئي سڏ سڏ.

وفا جي واٽ وڻ جاني، جفا جي جوءِ ڇڏ جلدي،
سڙي سينو سوا تنهنجي، رَجهي روح و جسم رڏ رڏ.

حسن وارا هلن هرجا، نہ سي ثاني سندم سهڻي،
هميشہ حاضريءَ ۾ ٿا ٻَڌن ٻانهون ٻئي ٻڌ ٻڌ.

نياپا نينهن وارا اڄ مُڪا محبوب "شوري" ڏي،
پرينءَ پنهنجي وفائن جي وري واهہ جي ڪئي وڏ وڏ.

***

(11جون 1980ع ڳوٺ مولوي عبدالحئي نوحاڻي ڪنگورو)

هي پڪي پرديس جو پهتو پرينءَ جي پار اڄ،
منتظر مشتاق آهي، من ملي منڌار اڄ.

هن حسنين جي حڪومت جو نرالو آ نياءُ،
ٽئي قٽيل جو فيصلو سِتمن سندو سردار اڄ.

دل دُکيل، جيرو جَليل، سينو سڙيل، سنڊ سنڊ سٽيل،
ڏي دوا يا ڏک هٽي ڏڙ ۾ سِسي ڪر ڏار اڄ.

سرد آهن ساڻ سڏڪن سُک ڦٽو ساري ڄمار،
هن حياتي کان حبيبا! موت ڏيئي مار اڄ.

عشق جي آڙاهه ۾ پَڇندي ڏٺم ڪئين پهلوان،
جيءَ جيارا جلد سي جانيون جلايل جيار اڄ.

زهر ٽي ويا زور زياده تنهنجي زيارت سان زخم،
قرب تنهنجي ۾ ڪنڌا ڇُپيڪيا اٿم چوڌار اڄ.

آهين جِيوَن مون جڏي جو دم نہ دلبر دور ٽي،
ڪر نہ ڪُنڊين سان قتل، سهڻا سڄو سنسار اڄ.

خوبروءَ کي خواب ۾ "شوري" ڏٺو ڪلندي وري،
گهوريان تنهن جي گهٽيءَ ۾ گل گلابي هار اڄ.

***

(23 سيپٽمبر 1981ع ڪڏو ڪراچي.)

روح راڻا ويهه ته ڪريون رس رهاڻيون رات اڌ،
برهه ۾ پڙڪن پيڙ تنهن باهه جي ڪا بات اڌ.

وئين وجهي ويچو ورهين جو پوءِ ورڻ واري نه ڪيئي،
سور سالن ڇا سڀايان پهر يا پريات اڌ.

درد دوري جي دوا لئه در سَندئي دربان ٿيس،
اڄ ته گڏجي گڏ گذاريون، هڪ گهڙي يا ساعت اڌ.

آسري ۾ هوس اهنجي اڄ پنيون آسون وري،
هن نماڻي کي نشاني ڏيئي وڃ ڪا ذات اڌ.

چاهه مان چُميا قريبن جا قدم "شوري" ڪلي،
وڃ نه! هاڻي ويهه پيارا، روح ريجهايون رات اڌ.

***

(18 جون 1980ع ڳوٺ مولوي عبدالحئي نوحاڻي ڪنگورو)

محب منور مهہ لقا منڌار مُنهن موڙي نہ ڇڏ.
وار ڏنيا وار مُنهن تان ڇيڪ سي ڇوڙي نہ ڇڏ.

وار واسينگن سَندئي واري وڪوڙيو ور ڏيئي،
نيٹ ناري ناز سان ٻيهر منا ٻوڙي نہ ڇڏ.

جي ٽلين ٿهلين ڀيارا مات مورن ۾ پوي،
مڙهيل موتين جي لڙهي ، ٿهڪ ڏيئي ٽوڙي نہ ڇڏ.

اڄ ڇڪائج ڇاڳلا پنهنجي ڇپن جي ڇاشني،
جيءَ ۾ جاني جهور جهوران جي جَڙا جوڙي نہ ڇڏ.

ٽئي منا منظور "شوري" جي ادب سان اِلتجا،
تير تفنگون تيز پنهنجون خوبرو کوڙي نہ ڇڏ.

***

(19 جون 1980ع ڳوٺ مولوي عبدالحئي نوحاڻي ڪنگورو)

رُس مَ راڻا پرچ پيارا ڪر پلايون پال اڄ.
اُگهه اچي لڙڪن جون لڙهيون جي لڙن ٽيون لال اڄ.

نت نميو نڪريو نهاريان ور ڏيئي واٽون سندئي،
تنهنجي صحبت لئه سڃڻ سڪندي ٽيا ڪي سال اڄ.

حُجت هيڻي جي حبيبا نازنينن سان نه آ،
مِل منا ماڻا ڇڏي هي ٽڪر ڳڻتين ٽال اڄ.

تنهنجي وعدن کي ورهيه ٽيا پر نه پاڙيئي قول کو،
وار وايون ڪي وفا جون ڇڏ تڪايون تال اڄ.

ٽنب ٽي "شورو" ڪُتو سهڻل سَمهون ساري ڇمار،
قرب ڪر اي قرب وارا! هن نماڻي نال اڄ.

***

(21 جون 1980ع ڇوٽ مولوي عبدالحئي نوحاڻي ڪنگورو)

گلبدن جي گهور گهايا، سؤ سڄي ۽ سؤ ڪهي.
موت کان وڌ مُرڪ ماريا، سؤ سڄي ۽ سؤ ڪهي.

پير پاتو جيئن پرينءَ تان تاب تجلي طور ٿي،
چمڪ چهري ساڻ ڏرتي پلڪ ۾ پُرنور ٿي،
جهلڪين جيئري جلايا، سؤ سڄي ۽ سؤ ڪهي.

جان جليم جوش ۾ جڏهن ڏٺم جانب جمال،
کان قهريءَ سان ڪِريس، کا ڪُل ڪُٽس ڪامل ڪمال،
سڄڻ جي سڪ سوز ساڙيا، سؤ سڄي ۽ سؤ ڪهي.

نت نغارا نينهن جا واڄڻ وڄن پيا منجهه وجود،
عاشقن اُهجاڻ آ سينو سڙيل سوزن سرود،
نينهن جي نشتر نمايا، سؤ سڄي ۽ سؤ ڪهي.

محب جي محلات مَهندا خاص خيما کوڙيم،
خاڪ "شورا" خوبروءَ جي مرض موڙا موڙيم،
ڪجل ڪُنڊين جي ڪُهايا، سؤ سڄي ۽ سؤ ڪهي.

***

(25 آڪٽوبر 1979ع مدرسہ ڪنگورو شاخ موري ڍگهڙي)

جلائي جان جند جاني جدا ٿي ويو تہ شڪ ناهي.
خوديءَ ۾ خوبرو خود ئي خدا ٿي ويو تہ شڪ ناهي.

جهڪايم جت جَبين پنهنجو صمد سان گڏ صنم سامهون،
خدا هڪ کي ڪيل سجدو قضا ٿي ويو تہ شڪ ناهي.

عُشاقن التجائون اڄ پُنيون دربار دلبر ۾،
تنين دلدار جو درشن عطا ٿي ويو تہ شڪ ناهي.

ڏُکيا جي دود ٿي دمدم، برهه ۾ باهه پڙڪايئون،
لڪايم لوڪ کان ليکن لکا ٿي ويو ته، شڪ ناهي.

قتل ڪاڪُل ڪيوڪل جڳ، نهوڙيو نوڪ نظرن جي،
ورهين جو وڍ وري ويتر وبا ٿي ويو ته، شڪ ناهي.

نيائي نينهن جو ناتو، وصل جو جنهن وچن ورتو،
مَٽائي محب مُنهن تنهن کان خفا ٿي ويو ته، شڪ ناهي.

چُڪي هڪ چاق ڪِيو چاکن، پيتم جو پرت پيالي مان،
دلِ بيمار جو دارو دوا ٿي ويو ته، شڪ ناهي.

وصالي وچن جو ورقو، پرينءَ پويان پڙهان ٿو پر،
وساري سو وفا ڪي، بيوفا ٿي ويو ته، شڪ ناهي.

سمنڊ سڪ سوز جو ڪوئي ڪنارو يا ڳپر ڪونهي،
انهي تِڪ تار ۾ طالب تبا ٿي ويو ته، شڪ ناهي.

رکي آسون عجيبن در ادب سان اڄ هليو "شورو"
نصيبن جو نموني نئين نِيا ٿي ويو ته شڪ ناهي.

***

(3 جنوري 1980ع مسڙ وڏي)

سندئي چند چوڏهين چهري چمڪ چوڌار تان صدقي.
ڪاري ڪاڪُل ڪاريهر جي قتل ڪردار تان صدقي.

اُجاگر اڄ ٿيو عالم سبب سينگار سهڻي جي،
نماڻن نازنين نيڻن نظاريدار تان صدقي.

دريءَ مان دور ٿيو درشن، جلائي جان هڪ جلوي،
گهائيندڙ گهور جي گهُمري، گوهر گرفتار تان صدقي.

سڄڻ جي سيف ابرو اڄ، اجل آندو عشاقن لئ،
رخ و رخسار روشن تان، رمز رفتار تان صدقي.

نہ ساقي جي نہ ساغر جي، نہ حاجت ميڪده جي مون،
قرب ڪافي قريبن جو، قرابت يار تان صدقي.

قمر ڪتيون ستارا سج، وٺن سونهن مان سُهائو سپ،
سڄڻ جي سونهن سُهائي تان سندس سينگار تان صدقي.

ورائي وار منهن تان جي، وجي ٿي رات روشن ٿي،
خوشيءَ مان دل ڏني "شوري" ڪري دلدار تان صدقي.

***

(12 فيبروري 1980ع مسڙ وڏي)

الله آسون پُڄايون اڄ عجيبا مون اڳڙ آيا
وڏا وڙ ٽيا لکين لائق، منا مون سان ملڙ آيا.

مريض عشق وٽ مرهم ڪٽي محبوب اڄ آيو،
ڳٽي ڳٽبا نہ تن ٽورا، پرين مون کي پُڇڙ آيا.

سڙيل سينا جي سالن جا، درس ڪِيا دم اندر دلبر،
صدين جا سور اڄ سهٽا سڃڙ سائين سَلڙ آيا.

چُڪي هڪ چاش چاهت جي چڪڙ سان چاق ڪِيو چاڪن،
دوا هِن درد دوريءَ جي، محب مون کي ڏيڙ آيا.

قريبن جي قدم تان اڄ ڪريان قربان ڪُل جڳ کي،
ڪجي ڇا ڪرم جو ڪاٿو ڏکويل کي ڏسڙ آيا.

ڏکن جي ڏيهه مان نڪري، سُکن جي سيج تي وينس،
خوشي ڪئي خوب اڄ "شوري" قرب ڪامل ڪرڙ آيا.

***

(15 ڊسمبر 1979ع ڳوٺ مولوي عبدالحئي نوحاڻي ڪنگورو)

پِرت جي پيالي پيئڻ تي خلق خواري خوب ڪئي.
محب جي مُنهڙي مَٽڻ تي خلق خواري خوب ڪئي.

داغ دل ۾ دائمي، ديدار دلبر تن علاج،
ڏي دلاسو دوست دلبر، ٻئي حڪيمن جي نہ حاج،
پرت ۾ پل پل پچڻ تي خلق خواري خوب ڪئي.

طبع پُرسي ڪئي طبيبن، حال مون هيٺو پسي،
ماهرِ اَمراض دل پي ڏور ڏريا ٿي ڏسي،
درد جي دم دم ڏُکڻ تي، خلق خواري خوب ڪئي.

اي صَبا! ساري ڏجان، سهڻل کي سوزن جا سلام،
قرب ۾ ڪونڌر ڪُسي ويا، هي نہ پاڻءِ ڪوڙو ڪلام،
آهہ اندر مان اچڻ تي، خلق خواري خوب ڪئي.

خون جي خيرات ڪئي، "شوري" خدا ڪارڻ ڪلي،
پيٽ پياسن پُر ڪيو، هي هُل ويو هرجا هلي،
جان جي جلدي جلڻ تي، خلق خواري خوب ڪئي.

***

(24 ڊسمبر 1979ع حيدرآباد)

آمدِ محبوب جو اعلان ٿيو اڄ سُو بسُو.
"مَڪيده ۾ وصل ماڻيو مَ لقا جي رو برو"
عاشقو اعلان هي هينئڙي سان هنڌايو وري،
مفت موقعي مان ونو اڄ فائدو بلڪل فري،
جلد جاني لئہ جمع ٿيو ڪُنڊ ڪُڙڇ مان ڪُوبڪُو.
بحر بر ۾ ٿيون بهاريون، ساوڪون سرهائيون،
شغل شاديون شادمانا، ٿيا منڊل ملهاريون،
اڳڙ آيو عاشقن، جڏهن خوشيءَ مان خوبرو.
هار هڪدم ٿيا حوالي، سڃڙ جي سيني طرف،
"مرحبا" جا مينهن وسي ويا، "يا حبيبا" هر طرف،
ٿيا سلامي صف بڌي حاضر حبيبان هُوبهُو.
دف دهل دل ۾ وڄيا، ٻيون شوق جون شرنائيون،
خوب "شورا" ٿيون خوشيون، محبوب جون مهمانيون،
عشق الغوزا وڄايا، روح راڻي روبرو.

***

(23 اپريل 1977ع مسڙ وڏي)

پيار پيارا پرت پيالو آهي جو اڪسير هڪ.
منهن سندئي من موهڻو ڇڻ مور آيا مير هڪ.

چنڊ کان چوڻو چمڪ ۾ صاف سهڻي جو سُهاڻُ،
ان جي اکڙين عاشقن ۾ خوب کوڙيو تير هڪ.

منهن ورائي جي منا هڪ پل ڏکويل ڏي ڏسين،
تان پوي سَنڊ سَنڊ ۾ سهڻا سوز واري سير هڪ.

لال لب، ٻيا لال ڳل ٽيو لال لالڻ جو لباس،
ڏول کي ڇڻ ڪنهن ڏَکائي لال لوئي لير هڪ.

ڏور کان جي ڏند ڏسان، سمجهان ستارن جي قطار،
سَرس آ سُرهاڻ تنهنجي ڇا عطر عنبير هڪ.

هوڏ ڇڏ اي حسن وارا، عرض آزيون ڪر قبول،
وار "شوري" تان وري، وهمن سندي هيءَ ويڑ هڪ.

***

(9 سيپٽمبر 1980ع ڪامارو شريف)

ٿو رهان حيران هر دم، منهن ڏسڻ جي واسطي.
در سندئي دربان ٿيس، دارو نہ وڻڻ جي واسطي.

تنهنجي ڪوماڻيل ڪُنڌين، گهايو گهٽن کي گهور سان،
دور کان ڏي دم دلاسو، دل ڏيڻ جي واسطي.

ڏيهہ سڃا ڏوري ڏنم، پر تو مثل مليو نہ مور،
تنهنجي چاهت جو چُڪو، آيس چکڻ جي واسطي.

ڇا جلائيندين جهان؟ هاڻي حُسن کي ڏول ڏڪ،
ڪجل ڪُنڌين ۾ نہ ڪر عاشق ڪُهڻ جي واسطي.

تير تفنگن کان تکيون قاتل ڳٽاريون ڪُنڌڻيون،
عرض آزيون تو اڳيان، نرمي ڪرڻ جي واسطي.

انتظاري ۾ عمر آندم اوهان جي در عجيب!
ڏي دوا دردن سندي چاڪن ڇِڪڻ جي واسطي.

ويا وڇوڙا ورهيہ جا، اڄ در ڪليا ديدار جا،
خاص "شوري" جي خواهش خوش ٿي ڪلڻ جي واسطي.

***

(14 سيپٽمبر 1980ع ڪامارو شريف)

منهن ڏٺي محبوب جي چانڊاڻ چوڏاري لڳي،
مَيڪده ۾ موج مستي، گرم گفتاري لڳي.

ڪڪر جڙ ڪاڪل ڪُنڌيا ۾ چنڊ جان چهرو چٽو،
جيئن ڏٺم ڏينهن رات گڏ، حيرت ۾ هيڪاري لڳي.

تنهنجي آئي ٽيون ٽڏيون اکڙيون اسان جون اڄ عجيب!
چؤطرف چمڪاٽ ٽيا، جت اڳ انڌوڪاري لڳي.

جي هيا اَرها اڳي، سي ٽي ويا سَرها سيئي،
درد دل تان دور ٽيا، جن برهه بيماري لڳي.

شاعر شيرين سخن اُستاد مون احمد ملاح،
شاعري مهندا ملاح جڙ ميڙ موچاري لڳي.

عشق آ اوکو اڻانگو خيال "شورا" خوب ڪج،
سي نه تريا تار مان جن کي عمر ساري لڳي.

***

(17 اپريل 1981ع ڪامارو شريف)

انجام تي آئين نہ، هاڻي انتظاريءَ تي ته اچ،
ڏينهن ٽيا ڏاڍا ڏڻي، لاچار لاريءَ تي ته اچ.

اک اٿم استان تي، آيا اجا ناهن عجيب!
دل ٽي ڏڙڪي، برهہ پڙڪي، بي قراريءَ تي ته اچ.

تنهنجي فرقت ۾ ٿو ڦٽڪان، ڪرڪُٽل ڪو آ ڪڪڙ،
تو سوا سپ سُک ڦٽا، سنيال ساريءَ تي ته اچ.

خط لکيم خدمت ۾ سھڻا پر نہ پھتم ڪو جواب،
ٿو پچان پلپل پيارا، پوئواريءَ تي ته اچ.

دم دلاسا ڏنم دل کي، "محب ملندم اج ضرور"
آڳ اندر ۾ ڏڳي ٽي آه و زاريءَ تي ته اچ.

ڪانگ قاصد ڪئين اُڏايم، پر نہ پيو پرين پتو،
موڪلايان ٿو منا، بستر بيماريءَ تي ته اچ.

نينهن تنهنجي آ نهوڙيو اجل آيم اج سُيان،
قرب جو توکي قسم! هن اَشڪباريءَ تي ته اچ.

طلب ۾ تنهنجي ته "شوري" ڏيهہ ڏونگر ڏوريا،
غم اندر غلطان آهيان، غمگساريءَ تي ته اچ.

***

(15 سيپٽمبر 1980ع ڪامارو شريف)

جان وئي جانان بہ ويو، ويڏن وري واري نہ پچ.
سڪ نہ سنپيران هيڪ ساعت، سور سي ساري نہ پچ.

جي لڳئي ڪاني قرابت، تان پوئي ڳل قُرب جي،
سور ساماڻا سوين، ڳڻتين ڇڏيو ڳاري، نہ پچ.

هيڪ تون هردم هينئين ۾، پور پل پل پرت جا،
محب منڙا موت تون، محبت ڇڏيو ماري، نہ پچ.

انتظاري ۾ آهن اکڙيون اوهان جي در عجيب!
نينهن نياپن ڪر نبيرو، پرت وچ پاري، نہ پچ.

تنهنجي جلوي جوت جاني، جڳ جلايا جهَرڪندي،
هاڻ حيلو ڪر حبيبا! عشق آزاري نہ پچ.

تون ئي خواب و خيال ۾ "شوري" اڳيان ڪلندو رهين،
ترت ٿئي تعبير تنهن جو ڪا گهڙي گهاري، نہ پچ.

***

(15 اپريل 1981ع ڪامارو شريف)

اڄ شڪر الحمدلله اڳڙ مون آيا عجيب،
نينهن جو ناتو ڳنڍي، نروار ٿيا نازڪ نجيب.

ديد دلبر جو ٿيو، محبوب مليو مُرڪندي،
پرت پيالو پُر ڪري هڪدم حوالي ڪِيو حبيب.

عشق جو آڙهه اُجهايو اک اشاري اوچتو،
جيءَ ۾ جهوريءَ جي دوا، تجلي سان ڪئي ترتئون طبيب.

سونهن ٻيو سينگار سهڻو سينڊ تان ڪاني ڪجل،
چنڊ چوڏهين سان ستارا سڀ سلامي ٿيا قريب.

خوبروءَ جي خاڪ "شوري" خوش ٿي ڪائڙ ڪئي قبول،
ڪرم قادر ٿيو مٿم، نعمت نماڻي ٿي نصيب.

***

(11 اپريل 1979ع ڪنگورو شاخ موري ڍڳهڙي)

پري ڏي جام جوشيلو اَلا يَا اَيُهَا السّاقِي.
خماري خوب خمريلو اَلا يَا اَيُهَا السّاقِي.

پياسي پرت پيالي جو هئس پرڪان پيارا پر،
ڏُکيو اڄ دود دردِيلو اَلا يَا اَيُهَا السّاقِي.

هٿان تو هڪ چُڪو حاصل ٿئي تان حوض ڪوثر آ،
مليو جنهن کي تہ مستيلو اَلا يَا اَيُهَا السّاقِي.

ڏني قدرت ڪرامت آ مسيحائي محب توکي،
زنده ڪر زود زخميلو اَلا يَا اَيُهَا السّاقِي.

شهيدِ عشق جي شهرت، ڳلي هر ڳوٺ ۾ ڳائن
نہ پائنج راڳ رنگيلو اَلا يَا اَيُهَا السّاقِي.

ڪُنل کي ڪِيمَ تون تڙپا، جياري جلد وڃ جاني،
هلي حڪمت نہ ڪو حيلو اَلا يَا اَيُهَا السّاقِي.

ڪنيا "شوري" خوشي پائئي انگل آراڪِ ارڏايون،
تِکو تنهن سان نہ ٿي تيلو اَلا يَا اَيُهَا السّاقِي.

***

(20 اپريل 1981ع ڪامارو شريف)

عجيبا جي اڳڙ منهنجي اچين هيڪار لک لائق.
ورائين جي وصل واڳون ويڇايان وار لک لائق.

سجايان سيج سهڻي لئ، گلم ٿاهي گلابي گل،
اکيون آسائتن آليون، سگهو لهه سار لک لائق.

حجت هلندي نه هوتن سان، مٿي مون مهرباني ٿئي،
گدا گولي سان اڄ گڏجي گهڙي ڪا گهار لک لائق.

وساري ڪِيئن وڃي ويٺين، وفائن جا وچن وعدا،
پِري آ، بي وفائي جا ٻيڙي ٻانڌار لک لائق.

نه گهاتو گهوٽ گهر آيا، ڪاهيو جن قرب جي ڳُن ۾،
نه تُرهن سان تريا تارو منجهان تِک تار لک لائق.

اگهن جي آهه اونائج، اٿئون اِيءُ آسرو آن ۾،
مليو محبوب تان "شورا" خرن کي خار لک لائق.

***

(23 ڊسمبر 1981ع سريوال ڪامارو)

ويهه وڃڻ وايون نه ڪر، اڃ واڳ واري، پوءِ وڃ،
جي ڪيا جهوريءَ جڏا، جانب جياري، پوءِ وڃ.

تون اسان جو آسرو آهين انڌيري جو اُهاڻُ،
ڪر نه پويان پير پيارا، پرت پاري، پوءِ وڃ.

ازل کان آهن اداسي، اکڙيون آن لئہ عجيب!
پل پهر رهه رات راڻا، گڏ گذاري، پوءِ وڃ.

چاڳ، چڪنا چور ڪيو سي چاڪ ڇڪيو ٿا ڇڪن،
ڪر نه ماڻا، موت تون، نازڪ نهاري، پوءِ وڃ.

ٿيو اُهاء عالم اندر تنهنجي اڃڻ سان اوچتو!
عرض آهِم ادب سان، اندر اُجاري، پوءِ وڃ.

وصل ڪارڻ واٽ تي، حيران هينڙا هت هزار،
سي سڙيل سڪ سوز جا سينا سڏاري پوءِ وڃ.

جيءُ جَڙيو جاني سان مون، جهوريءَ تنهين جهوريو اٿم،
جلد جاني جي وڃين، تان محب ماري، پوءِ وڃ.

عشق جي آڙاهه کي اوڏو نه وڃ "شورا" مگر،
ڪر تياري قيام جي، سمر سنياري، پوءِ وڃ.

***

(22 سيپٽمبر 1981ع ڪڏو ڪراچي.)

نہ ديدون ٿيون وسرن، نہ ديدار وسريا.
نہ عيدون ٿيون وسرن، نہ آثار وسريا.

وِيَل وقت واپس نہ ورندو وري آ،
نہ گھڙيون ٿيون وسرن، نہ گلزار وسريا.

وڻيو روز راهون، روئان تو لئہ راڻا،
نہ پيٽيون ٿيون وسرن، نہ بختيار وسريا.

رهيا روح ۾ جي، وساريا نہ وسرن،
نہ راتيون ٿيون وسرن، نہ رخسار وسريا.

پرينءَ پير پاتو، بهاريون ٿيون بَر ۾،
نہ مُکڙيون ٿيون وسرن، نہ ملهار وسريا.

حسن هوت جو هِت نہ لکجي لفظ ۾،
نہ اکڙيون ٿيون وسرن، نہ اظهار وسريا.

نوان ناز تنهن جا، ادائون عجب جون،
نہ جهلڪيون ٿيون وسرن، نہ جنسار وسريا.

خريدار "شورا" سدا رهج سچ جو،
نہ ڳالهيون ٿيون وسرن، نہ ڳالهيار وسريا.

***

(23 سيپتمبر 1981ع ڪڏوڪراچي)

برهہ جي بيمار بيوس تان پلا پيرو نہ پڄ.
صبح سانجهي ٿو ستايان، سوال مون محبوب مڃ.

تنهنجي تجلي سان نہ مَٽ هيرو هجي ڪو ڪوهنور،
ٿو لڳي ساجن سونهارا تو سوا ساڻيهہ سڃ.

جسم آئون جان تون، پيارا نہ ٿي هڪ پل پري،
تو بنان بيڪار بُت مون، پرت پاريون، ويهہ نہ وڃ.

جي نظر ڪن نيٺ نوري، نت نماڻي ناز سان،
تير تفنگون تان وسن، سهڻا نہ اهڙا سين سڃ.

آگميون آهن اکيون، وڇڙيل وسائن وڏڦڙا،
تون ڇنين، ڇيهون ڇڃي ٿيم، روح ٿي ويو راؤ رڃ.

ازل کان منهنجي متيءَ ۾ تنهنجي محبت آ مليل،
ڪين ڳٽبي سا قرابت، تند تڪبر جي نہ تڃ.

قوت ڪنديون ڪيترا، قاتل ڪُنڊيون ڪونڊر ڪُهي،
ڪوس "شورا" تن قرارو، ڪسڻ جي آ جن کي اُڃ.

***

(1 نومبر 1981 وليج سومرو لغاري سريوال استاپ ڪامارو)

جان جانيءَ سان جڙي، آڪاش ڏرتيءَ کان ٻہ اڳ،
ان سان اندر جي اڙي، آڪاش ڏرتيءَ کان ٻہ اڳ.

چنڊ جو چمڪو نہ هو سورج ستارن جو سُهاڻُ،
ڪين هو نوري نڪت، پر اُت ٻہ هو ان جو اُهاڻُ،
لنئون لڳايم ات لڙي، آڪاش ڏرتيءَ کان ٻہ اڳ.

جاءِ جنهن جوڙيو خدا، خاڪي خليفي لئہ خمير،
پر تنهين پيٽيءَ هيو، بينل محب ماهہ منير،
سوجهري ۾ ويم سڙي، آڪاش ڏرتيءَ کان ٻہ اڳ.

هو نمايان نور نرمل منجهہ نسل نوري نڪور،
نينهن ناتا نت نباهيندي رکيم چاهت چڪور،
ٿي ويس ڇاري ڇڙي، آڪاش ڏرتيءَ کان ٻہ اڳ.

وصل جون ويلون تہ ورهين جا ورهيہ وسرن نہ ٿيون،
هاڻ گوندر ۾ گهڙيون گهاريان تہ گذرن ئي نہ ٿيون
پئي لڙي لڙڪن لڙهي آڪاش ڏرتي کان ٻہ اڳ

خستہ دل هو خام "شورو" پر ٿيو پختو پچي،
او الستي "اَنتَ ربي" عهد ويو روح ۾ رچي،
ٿي گذر گوندر گهڙي، آڪاش ڏرتيءَ کان ٻہ اڳ.

***

(22 آڪٽوبر 1981ع ڳوٺ هڪڙا سلطان آباد)

نماڻي نيٺ سان نازڪ، نهارين ٿو تہ مارين ٿو.
وڃڻا واسينگ ور وارا، جي وارين ٿو تہ، مارين ٿو.

گهٽو گهائينِ گرزن کان پرون پايان بنهہ پالا،
اکيون سُرمي سرائيءَ سان، سنوارين ٿو تہ مارين ٿو.

چمڪ ۾ چنڊ چوڏهين کان تہ چهرو چاڪلي جو وڌ،
تِلڪ تِر پوئنر بادامي، بهارين ٿو تہ مارين ٿو.

گلابي کان گهٽو نازڪ نرم ڳاڙهيون ڳلون ڳوريون،
سڪايل سامهون سينو جي ساهين ٿو تہ مارين ٿو.

سنهون بت سَروَ قد سهڻو نہ ٻيو پَرور ڪيو پيدا،
دليون هڪ ديد درشن سان، ڏتارين ٿو تہ مارين ٿو.

نرالا ناز نخريلا دکائن دود ٿا دمدم،
پيالو پرت جو پيارا، پيارين ٿو تہ مارين ٿو.

شهاڻا شوق ڇڏ "شورا" خدا جو خوف هر دم ڪر،
ڏٺيءَ در جا وچن وعدا، وسارين ٿو تہ مارين ٿو.

***

(18 فيبروري 1982ع مسڻ وڏي)

دم جيان ٿو دم مران ٿو دم ڏيان شل در اڳيان.
سِر نمايم نياز سان نيڻن سندي نشتر اڳيان.

انتظاريءَ ۾ آهن اکيون سدا آتيون اُداس،
درد دوريءَ جا ڏُکن ٿا دود دل جي در اڳيان.

لعل لب جي جان لڳي لالاڻ، تان گل لال ٿيا،
منهن ڏٺي محبوب جي اکين لڏو اوجر اڳيان.

صبح جي سج ۾ رهي ڳوراڻ تنهنجي ڳل سندي،
تنهن سبب سج ٿئي سلامي منهن مٿي منور اڳيان.

آسماني انبلڻ ۾ آهي ابروءَ جو اثر،
تِن ۾ڙُن ۾الن جي بينڪ پنبڻين جي پر اڳيان.

واسجي ويا گل و گلشن سڃڻ جي سُرهاڻ سان،
مُشڪ، ان جي مَهڪ کان ڇڻ ٿي ڦِري ڦُلهير اڳيان.

ان جي منڍي ٻول مان مينڻاج مصريءَ کي مليو،
ڪٽ مزو تنهن جو مگر، هن شهد ۾ شڪر اڳيان.

نيڻ سان نازڪ نهاري، ڪِيم ڪر "شورو" قتل،
سو صبح سانجهي سلامي، اڳڻ ڀيٽيءَ پر اڳيان.

***

(19 جون 1982ع سومرو لغاري لڳ ڪامارو)

آءُ اڳُ منهنجي عجيبا اڇ ورائي وصل واڳ.
جي گهڙي گهاري وڃين، پايان پلا ڪر ٿيام پاڳ.

موٽ تون موڙي مهارون، مهر محبت جون منا،
درد دوريءَ ڏي دوا، جن دل ڏَڪي ڪئي داڳ داڳ.

برهه جي بيمار جو توکان سواءِ ناهي طبيب،
سي سِگهو ڪر تون سَگها، جن جي اندر ۾ عشق آڳ.

تو سوا سينو سندم، سورن ڪيو ساڻو صفا،
رس رهاڻيون تنهنجون راڻا، روز منهنجي روح راڳ.

جان جهلڪين سان جلي، ماڻن مِنا من موهيو،
چاڳلا سي چاق ڪر، جي چاڪَ ڳيڙا تنهنجي چاڳ.

ٿي وِلهن جو واهرو، تن بي علاجن جو علاج،
چانوءَ چوري جو ڇپر ۾، پروسو ٿي مون بيراڳ.

ديد درشن ڪاڻ دلبر دل سندم دائم دُکي،
جيءَ جڏا جاني جيارڻ اڇ مسيحا منهنجي ماڳ.

پنهنجي "شوري" جون خطائون ڪَم خدارا خوبرو،
جي اڳُ منهنجو اُجارين، ڏور ٿيندا ڏک ڏهاڳ.

***

(11 ڊسمبر 1982ع سومرو لغاري لڳ ڪامارو)

ڇڪائن چاڪ ٿا آبرو، اشارن کي ته سمجهايو.
نهوڙيائون نهارڻ ساڻ، تارن کي ته سمجهايو.

لڳن لوريءَ سنديون لهرون، سوين سڪ سير ۾ سامهون،
ڪيو قيدي قرب ڪُن مان ڪنارن کي ته سمجهايو.

ضرب ڪاري ڪٽارين جي نه ڪن شل گهور سان گهايل،
نماڻي نيڻ جي نوري، نظارن کي ته سمجهايو.

پُڇي پهرين، سُٽي سمجهي، ڪجان سڪ سوز جو سودو،
متان اڻتي ڪرين آهون، "آزارن کي ته سمجهايو".

اڙانگو عشق آ آهنجو، گهري سر ساهه جو صدقو،
ڪپائي ڪنڌ تان چوندين، "قرارن کي ته سمجهايو".

پيئڻ ۾ڪ پرت جي پيارل، زهر کان وڌ آ زهريلي،
چُڪو جي تان چکيئي چوندين، "هزارن کي ته سمجهايو."

هجر حسرت جون هي آخر ختم ٿيندیون خزائون سڀ،
سِگهو شل ٽِيڻِ سرهايون، بهارن کي ته سمجهايو.

ذڪر تسبيح جي تلقين زاهد پئي ڪئي ذر ذر،
عبادت جي انهن ناصح، نڪارن کي ته سمجهايو.

ٿئي ٿڌڪار شل ٿر بر، وسيون واهڻ وسن وستيون،
مِلان محبن سان من "شورا" ملهارن کي ته سمجهايو.

***

(1 جنوري 1983ع سريوال)

سڄڻ ساڻيھ تنھنجي ۾، جيئڻ جو حق بہ ڪسجي ويو.
ڏيل دانھون بہ ويون ڏيجي، ڏڙڻ جو حق بہ ڪسجي ويو.

سپوتن تي سِتم سختيون، وڏا ويڏن ڪيا ويرين،
اکيون آليون اندر آھون، الڻ جو حق بہ ڪسجي ويو.

جبر جورو جفائن ۾، بنيو جنجل جياپو آ،
سَليان ڪِيئن سي ستم تو سان، سَلڻ جو حق بہ ڪسجي ويو.

ھليو ھردور ۾ ھِت آ، حُڪم راجا تہ چرپٽ جو،
انھي انڌير ننگريءَ ۾، رھڻ جو حق بہ ڪسجي ويو.

مرڻ مَھنگو ھتي مورھين، نہ ڪوئي ٿو جيئي جالي،
انھي ڇڪتاڻ ۾ ڇڪجي، ڇڄڻ جو حق بہ ڪسجي ويو.

شڪاري شوم ئي بدليا، اھي ئي ڄار اصلوڪا،
ڪيائون قھر ۾ قابو ڪُڇڻ جو حق بہ ڪسجي ويو.

جفائن تي جفائن سان، ڪيا جابر جڏا جوڏا،
آھي پالوٽ پاپن جي، پڇڻ جو حق بہ ڪسجي ويو.

ڏسي ڏاھين ۾ ڏٽڪندڙ خوشي خوراڪ وئي "شورا"،
بھادر بند ۾ بيوس، بچڻ جو حق بہ ڪسجي ويو.

***

(8 جنوري 1983ع سومراڻي لغاري سريوال)

ناهي نيٽن ننڊ آئي، تو بنا پرديس ۾.
سگهه نه ڪا سهٽا سرهائي، تو بنا پرديس ۾.

سونهن پسي سهٽا سندئي، سيوا سدا سج چنڊ ڪن،
ناهي تن ساڳي سُهائي، تو بنا پرديس ۾.

تنهنجا ڳٽ ڳالهيون ڳٽي، ڳايان ڳلي هر ڳوٺ ۾،
’تون هي تون‘ جي وات وائي تو بنا پرديس ۾.

آهي عالم ڇو اُجهاڻو؟ ٿي ختم خُنڪي خوشي،
سڄ صفا ٿي سُڄ نوائي، تو بنا پرديس ۾.

عيد اڄ مڙني ملهائي، ٿهڪ ڏيئي هرڪو ٽِڙي،
عيد مون آ ڪيئن ملهائي، تو بنا پرديس ۾.

ساوڪون سرهائيون، باغن برن ۾ ٿي بهار،
پر نه منهنجي مُند آئي، تو بنا پرديس ۾.

من ملي محبوب مُرڪي خوش ٿي ”شوري“ سان ڪلي،
اندر ۾ اُڀ ٽُڀ اهائي، تو بنا پرديس ۾.

***

(28 آگسٽ 1983ع سومرو لغاري سريوال)

دل ڏتاري دوست دلبر، هاڻ ڏارين دور دور.
ٿا پون پل پل پيارا، پرت پريا پُور پُور.

شمس شائق، قمر قربان، مدح خوان مخلوق مِڙ،
نازنينن جو نظارو، آ نسورو نُور نُور.

جي ورائين وار منهن تان، روز روشن رات مان،
ان مثل ڪو معجزو ملڪن ۾ ناهي مُور مُور.

نيڻ ٻئي نرگس نموني، ڪن تَڪون تلوار جان،
سي خماري جي ڪٽين، گهائي سندن هر گُهور گُهور.

ڪيئن سمهون ساهين سينو پل هڻن هامون هزار،
روح ريجهائين رمزون، تاب تِن جو طُور طُور.

اڄ عنايت ٿئي انهي تي، جو آ عرصي کان عليل،
سوز سهڻا ساڙيو، ٻيو ناهي سَنڊو سُور سُور.

محمِل ليليٰ ڏسي مجنون ڪُتي جان ڪيِ لڳو،
تان ڪُتي کي پاڻ ڏي، ڪوٽي ڪري من ڪُور ڪُور.

پنهنجي "شوري" ڏي خدارا، ڪڍ اکيون ڪِل خوبرو،
چاڳلا ڪر چاق چاکن، جي چِڪي ٽيا چُور چُور.

***

(17 نومبر 1983ع سومرو لغاري سريوال)

دل ٻڌي دلبر اسان جي زلف جي زنجير سان.
نيٺ جي ناوڪ نهوڙيو، نينهن جي نخچير سان.

سال ٽيا سڪندي سڏن ۾، تن سقيمن سار لهه،
ڪيئي ڦٽڪن پيا فراقي، سوز سڪ جي سير سان.

محبتي ميدان ۾، تدبير ڪهڙي تڙپ جي،
ڪيئن سمهون ڪوٽئي سڪايل، توب جي تعزير سان.

حسن ۾ هر ڪوئي ٽو هامون هٽي هر جا هميشه،
ڪيئن مقابل ٽئي مگر سو موهٽي من مير سان.

عشق جي امتحان ۾ سر ساهه جو سانگو نه ڪر،
ڏڙ سِسيون ڪيا ڏار دلبر، ڪنهن ترار وتير سان.

اڄ عجيبن جي اچڻ تي، ٽيو اُهائو اوچتو،
ڪيئي جانيون تنهن جلايون تاب جي تاثير سان.

آهي خلقن ساڻ "شورو" قيد تنهنجي قرب ۾،
سو اثر ابروءَ جي آ تيز تر تڪبير سان.

***

(28 ڊسمبر 1983ع سومرو لغاري سريوال)

وڏا ڪنهن ونگ ور واري؟ پُڇو واسينگ وارن کان؟
ڪيا ڪنهن چاڪ دل چيري؟ پُڇو ابرو اشارن کان؟

انيئي پهر عاشق کي، اکين ۾ انتظاري آ،
خنجر خوني ته کوڙيا ڪنهن، پُڇو تحقيق تارن کان؟

سڪايل جي سِسي سالم، نه ديکيم ڏڙ دُرس ڪوئي،
بنان ڏڪ ڏار ڏڙ ڪيا ڪنهن، پُڇو تيرن ترارن کان؟

ڦوڙائي جا فراقي ڦت، چُتا سي چيڪ ناهن ڪنهن،
وڇوڙي ۾ ولوڙيا ڪيئن، پُڇو سڪ جي سچارن کان؟

لنگهي سڪ سير جون سختيون، سَوَن مان ڪو پُنو ساحل،
چڏيا چولين چو چولي؟، پُڇو سالڪ سونهارن کان؟

جبل جهرجهنگ جهاڳيا جن، مليو محبوب تن مرڪي،
لڏو تن لال ڪيئن لوچي، پُڇو پانڌي پيارن کان؟

نماڻا نيڙ ٻئي نشتر، نهوڙي نيٺ مون نيندا،
قتل ڪن ڪيئن تا "شورا" پُڇو نرگس نظارن کان؟

***

(30 ڊسمبر 1983ع سومرو لغاري سريوال)

نہ وڃ واسينگ کي ويڃھو ٻنين وارن کان ٻورا ٻچ،
ڪڙيءَ ۾ قيد ڪاڪل ڪِيا، ڪيئي ڪونڊر ڳٽڙ ڪان ڳچ.

ڏنم هر ڏيھ ۾ ڏوري، ڏھوٽا جي ڏکن ڏاريا،
ڪچن مھجورتي محبت مجازي مام جا مچ مچ.

مُنڊا جيڪي مجازيءَ ۾، پُڃن سي پار پرور ڪيئن؟
نصيحت جا اهي نڪتا، سندا سالڪ سمورا سچ.

ويڇوڙي ۾ وصل کان وڌ، سچي سڪ جو سرور آهي،
ٽيڙ چاهين پچي پختو، عجيبن کي نہ اوڏو اڇ.

سَنئي جي سور سختيون تان ملاقي محب سان ٽيندين،
رهاڻيون روح راڻي سان، رچائج رنگ سان سچ پچ.

سڙين جي سوز سڪ ۾، تان سدائين ساڻ ڏئي سرسي،
ڪولينڈا جي ڪٽي دفتر، نتيجي مھل ٻينو نچ.

پرين جو ٻيو مٿم پرتو ڪِنوڙ وئي ڇڙ ڪِنوي "شورا"،
عجيبن اِيءَ عنايت ڪئي، اندر کي اڇ رچائي رچ.

***

(30 ڊسمبر 1983ع سومرو لغاري سريوال)

او پانڊي! پرينءَ ڏي پرت جو پيغام هي پهچائجو.
ڇڪندا رهن ٿا چاڪ مون، تن تي لَبن لِب لائجو.

آهن اکيون اڄ آتيون، جانيءَ لئہ پائن جهاتيون،
روئنديون رهن ڏينهن راتيون، تن جوت کا جاڳائجو.

ڪَيَئي عطا قدرت حُسن، مون کي هِجر حَسرت حُزن،
سَوَ پيا سڏن ۾ هِت سِکن، مون تي مَهر موٽائجو.

سِکندي ٽيا ڪي سال مون، هاجي هنيا هي حال مون،
هاٽي پلا ڪر پال مون، عاجز نہ وڏ ايذائجو.

پرتون پرين! پيو پاڙيان، سينو سِکن ۾ ساڙيان،
ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙيان، رهي رات روح ريجهائجو.

آهون اچن تارا تکي، پيارا ايا پهتا نہ ڪي،
سَنڊ سَنڊ سڃڻ ساريو سِکي، دم دوستيءَ دهرائجو.

اڄ عشق جا اُڏما اُٽن، من ۾ مجازي مڇ مچن،
پويان پساهہ "شوري" پُڄن، دلبر اچي دفنائجو.

***

(9 جنوري 1984ع سومرو لغاري سريوال)

اڄ عجيبن ڪي ڪيا ابرو اشارا اوچتا.
مرڪندي محبوب جي ٿيا موت مارا اوچتا.

جهلڪ سان جانيءَ جي جلندا جگر جانيون ڏٺم،
جيئن ڪنيائين ٿي خنجر خوني خمارا اوچتا.

اڄ اگهاڙو عرض "ارني" جهول جن اڳ هو جهليو،
ٿيا تمامي تاب تجلا، طور وارا اوچتا.

وڃ وراڪي وانگيان ويو ڏيئي لامارو لنگهي،
جڙ ڪِنوي ويا خلق تي، ڪِنوٽين ڪيڏارا اوچتا.

وار پنيا پانئيان ٿو مُنهن پَران بينل مُدام،
چنڊ جي چوڏار جڙ ٿيا ڪڪر ڪارا اوچتا.

پير پيارل جت پُنو سا مشڪ خالص ٿي مِٽي،
سا مِٽي مشتاق لئہ ٿي عطر سارا اوچتا.

محبتي ميدان ۾ سڙيا سوين سڪ سوز ۾،
شوق جي شعلن ۾ پيا پرواني پارا اوچتا.

ڪر نہ اهڙا شوق "شورا"، شاعريءَ ۾ شائقي،
نينهن ۾ نيلام ٿيا، نت نام وارا اوچتا.

***

(9 اپريل 1984ع سومرو لغاري سريوال)

ڇڏ رُساما رنج راڻا، آءُ ته پرچون پاڻ ۾،
مِل ڇڏي محبوب ماڻا، آءُ ته پرچون پاڻ ۾.

صبح سانجهي تنهنجي صحبت لئہ سڪايل ڪن سڏون،
عشق جي ڪوري ۾ ڪاڻا، آءُ ته پرچون پاڻ ۾.

قدرتي ڪيڏو ڪرم ٿيو، حُسن هيڪاندو مِليئي،
پوءِ پري ڪر ڪين پاڻا، آءُ ته پرچون پاڻ ۾.

قدم تنهنجي سان قريبا! اڳڻ اُجرا ٿين مون،
ڪيئن سَري تو بن سياڻا، آءُ ته پرچون پاڻ ۾.

نينهن جو ناتو نيايم، پر نہ پاڙي تو پريت،
سور سيني ۾ ساماڻا، آءُ پرچون پاڻ ۾.

عمر ساري عشقبازي ۾ اجائي آنديم،
شوق ڇڏ "شورا" شهاڻا، آءُ ته پرچون پاڻ ۾.

***

(10 اپريل 1984ع سومرو لغاري سريوال)

عشق ۾ وينو وڃائي، عقل اڄ ڪُل ڪار پت.
ڪنهن بہ پر پوري نہ پئبو پرت جي اِيءَ پار پت.

عقل اُن ٽاڙي اُڏاڙو جيئن اکيون اُن سان اڏيون،
تير تبرون تنهن جا تارا، ڪيئن پُڄي تلوار تت.

شاهہ اُن جي شوق ۾ پي ٽيو گدا گولا گهمن،
دل ڏري دانا دليرن، جي ڪري سينگار سَت.

ڪيئن سمايان سونهن تنهن جي هِن سندس ساراهہ ۾،
ڳڙ ڳڙي ڇا ڇا ڳڙيان، دفتر ٽين درڪار اِت.

دم بدم ڏوڏو دونالين، دم پٽيان ڪيئن دوستوا
نيڙ جون نوڪون نهوڙين، جي ٽين نروار نت.

مون گهريو ميڙاءُ تان موتي مليم فرقت ڦري،
اڄ پُنيون آسون اندر جون، جيئن ڪيم اِظهار اُت.

درج دفتر ۾ ڪيان ٽو درد دل جا داستان،
من ڪري هو ڪهل "شورا" وئي مري بيمار مَت.

ٿو ڏسان گھمندي گھٽا ھِت گھور جا گھايل فقط
مڇ مجازي مام ۾ مشتاق مُرجھايل فقط

پنھنجي پلڪن مان پيارج شوق جو شاھي شراب،
اڄ عجيبن جي اڳُڻ تي، آھي ڪو آيل فقط

ناز نينن کي نميو ڪن نياز سان سھسين سلام،
در سڃڻ سامھون، صبح سانجھي سُجھن سائل فقط

جيءَ سان جايون جَڙي جوڙائيم جلدي مگر،
سي اکين ۾ تو لئہ آھن، ناڻ سان ناھيل فقط

پاند پاتم پرت جو، اڄ آھيان تو آسري،
لطف سان لحظي ۾ لاھين سور سامايل فقط

ڪِيئن نہ ڪعبي جو ڪري ڪو تات سان تھدل طواف،
لک دفعا جي لوڏجي، تہ بہ منھن ڪري مائل فقط

ڪِيئن ڪريان تِرياق جي تو کان طلب ٿي بي حجاب،
سوز سڪ جي ڏي شفا، "شورو" آ شرمايل فقط

***

(14 جون 1984ع سومرو لغاري سريوال)

چؤطرف چانڊاڻ ٿي وئي، ماهہ منور ڪانسواءِ،
هر طرف هُپڪارجي ويو عطر عنبر ڪانسواءِ.

واهہ جو سينگار سهڻو صوت صُورت سان سونهي،
نينهن وارن ڪي نهوڙيو نيڻ، نشتر ڪانسواءِ.

ويو هٿان جن جي هِينئون، هاڻي هَنجون هارين حبيب،
دُک نہ دل جو دور ٿئي، ديدار دلبر ڪانسواءِ.

هر ادا تنهنجي عجيبا، آهي ڇڻ سارو سحر،
موهيو محبن جي مورت، منڊ منتر ڪانسواءِ.

پاڻ پانيان بخت جيڪر ٿئي پرينءَ پاڙو نصيب،
پيو رهان پٽ تي پرينءَ جي پٽ پٽيهر ڪانسواءِ.

قرب جون لکندي ڪهاڻيون، جي ڪيان ڪارا ڪتاب،
ماڻجي محبت نہ تنهنجي، دل جي دفتر ڪانسواءِ.

شعر "شوري" جو نہ آ شيرين شسته شعر پر،
ٿيو مِٺو مذڪور محبن، شهد شڪر ڪانسواءِ.

***

(16 جون 1984ع سومرو لغاري سريوال)

طلب تنهنجي تانگهه تاڻي روح راڻا روز روز.
اچڻ تنهنجي جا عجيبا هِت هواڻا روز روز.

مست آهن موج ۾ مخمور ميخاني اندر،
مست مشتاقن کي موهين محب ماڻا روز روز.

آس وَندا جي آهن، تن سان اوطاقي ٽي عجيب،
ٽا جدائي ۾ جلن، جهوريءَ ۾ جهاڻا روز روز.

سج ستارن جون رهن ٽيون، روشنيون هت رات ڏينهن،
اڳڻ اُجرن ڪيئن ڀلا، اندر اُجهاڻا روز روز.

هير واريون هِت هوائون، ٽيون هلن هر جا هميشہ،
سک ڦِٽا سارين توکي، ساهہ ساڻا روز روز.

هي صدائون سوز واريون، جي سُڻين تان ڪج صحي،
تنهنجي صحبت لئہ سوين ساجن سِکاڻا روز روز.

آهي ساڻم ساڻ سورن، پور پيا منهنجي پلئہ،
سور سامهان سپ ڪنهين، مون وٽ وڻاڻا روز روز.

نيئي نياپو ڏيج ويندڙا يار کي "يامين" جو،
تنهنجي دم ديدار لئہ، واڻن وڪاڻا روز روز.

***

(19 جون 1984ع سومرو لغاري سريوال)

نازنين نروار ٿئي تان غم غريبن جا غلط،
دم گھڙي ديدار ٿئي تان غم غريبن جا غلط.

ڪيئن اچي فرقت ۾ فرحت، جي ڦٽيا ڦوڙائي ۾،
هِت اچڻ هيڪار ٿئي تان غم غريبن جا غلط.

نيڻ مان نائي ڏجان ڪو نِج نئون خالص خمر،
اوت جي ايثار ٿئي تان غم غريبن جا غلط.

زور زر ناهي ذرو، زاريون ضعيفن جي زبان،
جي قبوليت ڪار ٿئي تان غم غريبن جا غلط.

در اوهان جي انتظاري ۾ گھنگھر گھاريان گھڙيون،
حڪم جي هڪ وار ٿئي تان غم غريبن جا غلط.

جي ٻيهڻ پر ۾ نه ڏين، ته به ڪر نه پاڙي کان پري،
اِن سندو اظهار ٿئي تان غم غريبن جا غلط.

قمر ڪتيون شمس "شورا" ڪيئن پرينءَ سان پاڙيان،
جھلڪين جھلڪار ٿئي تان غم غريبن جا غلط

***

(28 جون 1984ع سومرو لغاري سريوال)

رهن ٿا دائمي دل تي دکن جا داستان ڪجهه ڪجهه.
اچن ٿا ياد اڄ مون کي انهن جا آستان ڪجهه ڪجهه.

جڏهن گوندر هئس گهيريو، گهنگهر پئي گهاريم گهڙيون،
تڏهن پانيم ته ڪي بدليا زمين و آسمان ڪجهه ڪجهه.

ڪري جانب جدايون ويا، جڏو جيءَ جن جياريو هو،
وسارڻ سان نه ٿا وسرن، مسيحا مهربان ڪجهه ڪجهه.

اوطاقي ٽي اڳي جن سان اندر جو حال اوريم ٽي،
ويجوڙا ڏيئي ويا ويڙي، دلارا دِلستان ڪجهه ڪجهه.

ويا ڪيڏانهن ڪٽي آهن، رهيا جيڪي رقابت ۾؟
اڃا تن جا هٿي هڪ ٻه رهن ٿا رازدان ڪجهه ڪجهه.

مڑهي الزام ڪئين مون تي بنايائون مون کي مجرم،
اکين آڏو اڃا آهي، اهو محشر عيان ڪجهه ڪجهه.

زماني جي ظلم زورين قهر جت ڪٿ ڪيا ڪيڏا،
شهادت عشق جي "شورا" اُجاري آ اَجا ڪجهه ڪجهه.

***

(12 سيپٽمبر 1984ع سومرو لغاري سريوال)

لوڪ ڪان لالڻ نہ لِڪ اڄ لائيون ڪو لب بہ لب.
جيءَ ۾ تنهنجي جستجو هئي تن ۾ تنهنجي آ طلب.

سُرڪ ساقي ڏي سگهو هيءَ موج محفل يا نصيب،
پل تہ ڪامي ڪار ۾ ڪر، ٿو سڏي صحبت سبب.

دل جو ڏاڍو دوستو! ڪو ناهہ ڏن دولت مثال،
دل ڦريندڙ جو ڪٽان ها پير، پر آهي ادب.

خوف خطرو ناهي اڄ مون پل رقابت ڪو رکي،
ڇا ڪندو مُلا ۽ قاضي جي مٿم ٿئي راض رب.

ہن دلين کي پاڻ ۾ ميلاپ جو موقعو مليو،
ڪو نہ ڪو اهڙو ڪٿي آ سڪ پريو سنگم عجب.

حسن تنهنجو عشق منهنجو ليکبو اڄ کان اَمر،
ڇو نہ تنهن جي ياد ياروا! ڪا ملهايون مُستحب.

برهہ بيماريءَ کان آهيم شفا "شورا" مِلي،
جيئن عجيبن جا ڏٺم، اڄ اوچتا غمزا غضب.

***

(13 سيپٽمبر 1984ع سومرو لغاري سريوال)

دردمندن کي تہ ڏي دلبر دوا پوءِ يا نصيب،
مهل کن مشتاق کي مَن ٺئي شفا پوءِ يا نصيب.

هي نشيلا نيٽ نازڪ ڏور کان جڏهن ڏٺم،
هوش همت حوصلا هيڪر تہ ويا پوءِ يا نصيب.

جيءُ جدائي ۾ جليو جهوريءَ تنهين جهوريو اٿم،
لاهہ سڪندن جون سِڪون ساجن سچا پوءِ يا نصيب.

جن روئي راتيون وهاٽيون، تن جون اڄ آسون پڄاءِ،
گهايلن سان گهار گهڙيون دلربا پوءِ يا نصيب.

سج قمر ڪَتيون ڪيئي اُلٽا ڪيئي اُپريا وري،
مهر مسڪينن مٿي ڪر مَهہ لَقا پوءِ يا نصيب.

سيندڙ سُرما تيل ڦٽيون ٻيوسن وسري وبا،
عشق تنهنجي جي اها آ هڪ "ادا" پوءِ يا نصيب.

شوق وارن ساڻ "شورا" محب مليو مُرڪندي،
ٻيوسن ٽيا پاڻ اڄ بيحد ٻلا پوءِ يا نصيب.

***

(14 سيپٽمبر 1984ع سومرو لغاري سريوال)

اڄ ڪلي درشن دري ساجن ڪيا سينگار هار.
تان لنگهي ويا اوچتو ڪي تير تنهن جا آرپار.

مَئي پيئڻ سان مست ميخوارن ڪيا ٿي غم غلط،
هاڻ حاجت ناهه تن، جيئن ديکيئون ديدار يار.

موسمون پنهنجي مُندي تي ڪن منڊل ٿيون موج سان،
پر بهاريون بيوسن، ٿئي ناز سان نروار يار.

جي جسارت معاف ٿئي، تان هي ادب سان عرض آ،
پيو ڪُهج پنهنجي ڪُنڊين سان، جو ڪُسڻ ۾ آ قرار.

محب خود مستور ٿي مون کي ڪرين مسرور جي،
ويهه اڇي اکڙين اندر، تان نيڻ نرنم بار بار.

وڏ نه توکان پاڪ پُتلو پرت جو پيدا ٿيو،
آهي عيبن کان الڳ هڪ پاڪ ئي پروردگار.

اڻ ڳڻيون آهن ادائون، ناز ٿيا نت نت نوان،
جان جيءَ جيرو جگر قربان تو تان وار وار.

حُسن هيڪر جي هنيا "شوري" کي شعلا شوق جا،
ٿيو تڏهن کان تنهنجو آهي خاص خادم خاڪسار.

***

(17 سيپٽمبر 1984ع سومرو لغاري سريوال)

اڪڙيون رهن اداسي آهن ايا اُجايل،
ملندا جي محب مُرڪي، لهنديون سِڪون سِڪايل.

دل جي دريءَ جو خانو دردن جو داستانو،
آهن جو آستانو آ لوڪ کان لڪايل.

جي سور مون سَلين تون، هي پور مون پَلين تون،
هٿ هٿ ۾ ڏيئي هَلين تون، پوءِ جيءُ پئي جَلايل.

واجهائيندي ورهيہ ٽيا، ڪر مون تي اڄ مهر ڪا،
اهڙي ڦُٽي پِرهہ ڪا، هوئي موج سان ملهايل.

جانب نہ ڪر جدايون، پيري جون ڪر پلايون،
محفل مِڙي ملهايون، سڪ سوز سان سجايل.

"شورو" شباب ساري، پريَن جي پيو پناري،
مَن هو گهڙيون ڪي گهاري، دک دور ٽين دڪايل.

***

(23 سيپٽمبر 1984ع سومرو لغاري سريوال)

سهي ڪِيئن سگهان هاڻ هجراً طويلا.
رهيو ناهي ارواح اِلاّ قليلا.

جهلي ٿم هي جهولي نماڻي نوازج،
اندر مون اُجارين تہ شڪراً جزيلا.

وتن سور مون سان سلهاڙيا سدائين،
سنئم سر مٿي ساڻ صبراً جميلا.

چيم تن چيو جن "پچر پرت جي چڏ"،
اندر عشق ريجهي ٿو روحاً عليلا.

چڏيان دوستو ڪيئن؟ دلبر جو دامن،
هُري پئي هنئين تي تہ حُباً خليلا.

پرين! پرت جو پاند پاتم جڏهن کان،
جيئي ٿو جڏو ڪين جسماً هزيلا.

چڏي در ٻيا، در ڏٺيءَ ڏر وچ "شورا"
اونائيم من آهہ رباً جليلا.

***

(25 سيپٽمبر 1984ع سومرو لغاري سريوال)

اڄ عجيبن جا اُهي ابرو اشارا ياد پيا.
نازنين نيٽن سندا نوري نظارا ياد پيا.

زلف جي زنجير ۾ ٿيون زندگيون زندان ڳئين،
گهوٽ جن گهايا گهٽا سي توب تارا ياد پيا.

ٿيا انڌيرن مان اُجالا جن جي آئي اوچتو
سي عجب جهڙا هئا سپ آشڪارا ياد پيا.

جن مڃي منظور ڪئي هر مُدعا مسڪين جي،
تن سڄڻ جا سڪ پريا سي ساڻ سارا ياد پيا.

رات ڪاري جنهن ڪئي ٿي، يا پرهه جنهن ڪئي پڌر،
چنڊ چهري ساڻ ڪاڪل ابرڪارا ياد پيا.

مند ٿي منڊل وڃيا سؤ رنگ ٿيا سارنگ ۾،
لوڪ ۾ هئم لاڏلا سي لاڙ وارا ياد پيا.

باغ ۾ بلبل سُٽائي سوز جا سنگيت پئي،
ٻول منڙا محب جا ڪي پرت پارا ياد پيا.

جن دعائن يا دوائن ٿي ڪئي "شورا" شفا،
تن طبيبن جا نوان نسخا نيارا ياد پيا.

***

(27 نومبر 1984ع سومرو لغاري سريوال)

حجت هلندئي نہ ڪي حيلو، حسن سرڪار ڪان هٽ هٽ،
سوين سڪ جي چڙهيا سولي، ڳٽن ڳاني وجهي ڳٽ ڳٽ.

پلا ڪو بادشاهہ پر ۾ بيهاريندو سُجو سڪٽو؟
ڪري جي ڪهل ڪنگالن، ڇٽن فرقت سندا ڦٽ ڦٽ.

هلي ويس هيج مان هيڪر، عجيبن در ڪٽي آسون،
چمڪ چاندراڻ ڇهري جيءَ ڪيو چاهت چريو چٽ چٽ.

ستايل ڪي ستايو آ رقيبن جي رواداري،
ٿين نابود نالائق، وڏا جن وصل ۾ وٽ وٽ.

ڪڏهن جي سير تي سنپرن، تہ ڪن سينگار سبحاني،
قسم سان ڪو نہ ٿيا ڪڏهن قمر ڪتيون مُحب مٽ مٽ.

پسو جي ٿا لکين لاٽون، سا پرين پاڪ پيشاني،
دريءَ مان دور ٿيو درشن، لٽو قلبئون ڪسر ڪٽ ڪٽ.

اُپاري سج اجهو ايندو عُشاقن عيد اج ٿيندي،
جياريندو جگر جانيون، جڏا جيئرا ٿيندا جهٽ پٽ.

محب مستور محلن ۾ اکيون آهن اُتي "شورا"،
جتي اڻيون اتي آهن، ڪُنيون ڪن ڪين ڪي مٽ ستٽ.

***

(19 ڊسمبر 1984ع سومرو لغاري سريوال)

راڄ ويو راڻا رسي، رسندو رهي پر تون نہ رس.
لوڪ لوڏيندو، چريو چوندو رهي پر تون نہ رس.

ڪين ٿيا ڪوسا ڪڏهن، سي ساهہ سان سانڌيم سڄڻ،
ساڻ ۾ ساڙو سدا سڙندو رهي، پرتون نہ رس.

اڄ بہ عاجز تي عنايت جي عجيبن اوت ڪئي،
چون ڇِرا سان چَپ ڪوئي چرندو رهي، پر تون نہ رس.

عرش توڙي فرش وارا محو تنهنجي مدح ۾،
بد بياني سان ڪوئي بڪندو رهي، پر تون نہ رس.

مٽ مسيحائي ۾ ناهس يا حسن ۾ هڪ گرو،
ڪار ۾ ڪاڌي ڪريل ڪنهندو رهي، پر تون نہ رس.

محب جي هڪ مُرڪ تي مفتون ڳئين مسرور ٿيا.
محب تان جي مون جِهو مرندو رهي، پر تون نہ رس.

شرف "شوري" کي ڏئين جي ميزبانيءَ جو منا،
ڪوفتو سر کي ڪُهي ڪندو رهي، پر تون نہ رس.

***

(22 ڊسمبر 1984ع سومرو لغاري سريوال)

دوست دلبر ڏي نهاري سج اُپاري مون ڇڏيو.
هِت نہ هِرندو هي هينئون جو دوست ڏاري مون ڇڏيو.

ڪجھ نہ ڪِيم جو سر وڃي قربان قدمن ۾ گيم،
عشق جو آڙاھہ پر ٻيھار ٻاري مون ڇڏيو.

هوت ويو منهنجي هٿان ڪيھن تي ڪيھون مون ڪيون،
ڏينھن راتيون رت روئندي ڏيھہ ڏاري مون ڇڏيو.

ڪوھہ جاڻان ڪيئن ڪيان ڪنھن پر پُڇايان سي پرين،
هت حبيبن جي هجر ۾ راڄ رڻاري مون ڇڏيو.

آھہَ زاري ساڻ فريادون، فغانِ نيم شب،
لوڪ سارو هو ستل سو اڄ اڌاري مون ڇڏيو.

جيئن پڇيم پوڻن پٽن کان، ويا پرين ڪنھن پار ڏي؟
ڇَو ڏِسِن مان چون نہ ٿي، ڳڻتين ڳاري مون ڇڏيو.

من ملائي محب مولا، جي نہ جاني جوءَ ۾،
پر ٻڌم جي ٻول، تن بَر ۾ بھاري مون ڇڏيو.

شوق وارن کي سڪ "شورا" ڪيو آهي شهيد،
آهي جو هردم هينئين تي ڪِيئن وساري مون ڇڏيو.

***

(24 ڊسمبر 1984ع سومرو لغاري سريوال)

ڪڏهن ديدار تي بندش، ڪڏهن دلدار تي بندش.
ڪڏهن انڪار تي بندش، ڪڏهن اقرار تي بندش.

چمن ۾ چهچٽو ناهي، گلين ۾ ڇا لئہ تہ ڪومايون،
ٻڌو ٿم پئي عجيبن جي وڇڙ گلزار تي بندش.

رقيبن کي روا ناهي گهٽيون ڪن بند گهايل جون،
ڪڏهن مُرڪي ملڻ تي يا ڪڏهن کين ڪار تي بندش.

مَنو پانئين مِنو پانئين ڪريان ڪِيئن ڪوڙ ڪانئر ٿي،
هِتي بندش هُتي بندش هلي هر پار تي بندش.

جيئن پيا جي جُڳن کان هِت اِجهو ڪَر سي ئي ٿا ڪامن،
نہ رهندو ڪو رقيبن مان، رقابتدار تي بندش

سَقيمن کي سَگهائي ڏي، صحت ناهي تنين سالم،
چُمڻ ڏي چانڻ چشمن سان نہ ڪر بيمار تي بندش.

نڪڻ نوري لکين لاڻون پرينءَ منهنجي جو هڪ پَرتو،
رُخ انور آيو "شورا" مَهِ انوار تي بندش.

***

(13 اپريل 1985ع مسڻ وڏي)

جلدي گهراءِ جاني تنهنجي تڏي تڏي،
اٽڪيو چپن ۾ ساهه آ سهٽا سڏي سڏي.

سالن کان مون جا سانديي، پوري نه ٿي اميد،
هن ويل واهرو ٿي، جياريو جڏي جڏي.

بي سود ٿيا بنهه اڄ مون لئه مرڻ جيئڻ،
جيسين اچي هو منهنجو اندر اڏي اڏي.

ويا موڪلائي مون کان منهنجا حواس هوش،
سُڌ ڪا سماءُ ناهي ڪامي ڪڏي ڪڏي.

سيڪو سڏيو سڏي پيو، نالي سندئي سڃڻ،
هاجا نه ڪر تون هيڏا، ڇپرين ڇڏي ڇڏي.

لوڪئون گذاريان لڪندي ته به ٿي لڪا لکن،
هر دم هِتان هُتي ٿو لڏيان لڏي لڏي.

"شوري" کي شرف بخشي جيڪر اچين اڳڻ،
گهاري وڃين گهڙيون ڪي گوڏي گڏي گڏي.

***

(3 مئي 1985ع سومرو لغاري سريوال)

ڇا ڏٺو تو ڇا ڏٺو؟ دلبر دلارا مون ڏٺا،
سِر سَوَن جا ڏار ڏڙ ڪان عشق آرا مون ڏٺا.

جي صِدق وارو سڪايل ٿئي قريبن کي قريب،
دمبدم ڏُو ڏُو دونالين توب تارا مون ڏٺا.

وک وڌائي ڪِيئن ٻلا جنهن پير ۾ پيا پيڪڙا،
وار ٻنيا ور وڪڙ واسينگ وارا مون ڏٺا.

لک ڏنم لاشا لٽيل، ڪي ڏڙ هئا در تي قِتا،
جن ڪيو قتلام سي ڪُنڊين ڪنارا مون ڏٺا.

دل جي دنيا تي هلي ٿو حُسن وارن جو حڪم،
عشق جي اُپ تي اُهي اڄ ماهپارا مون ڏٺا.

ڏينهن ڏيکارو ڏيئي، ٻوءِ روپ ڏاڙڻ رات جو،
وَالضحيٰ والليل ۾ ليل و نهارا مون ڏٺا.

لَيسَ اَحَدُ مِنکَ اَحسَن خِلقتً لاريب فيهه،
شاهدي "شوري" ڏني، سي شوق وارا مون ڏٺا.

***

(20 اپريل 1985ع مسڙ وڏي)

اڪڙيون ڏسن ٽيون تنهنجون راهون وري وري.
هردم اڇن اندر مان آهون وري وري.

دلبر هئس نہ ڏاريون، در تان ڏڪي ڇڏيئي،
ويندا رهيا وسيلا واهون وري وري.

پويان پساهہ پورا آهن اِجهو ٽيا،
دل درد مان ڪري ٽي دانهون وري وري.

صبح و مَسا سڪايل سهڻي سوا سُجو،
موٽڻ جي ڪر منا ٽي پانهون وري وري.

مسڪين هي مسافر ڇا لاءِ ٽا ڇنو؟
رولي رَندن ۾ ڇڏيوَ ڇاهون وري وري.

موتي ملهاءِ محفل، جيئري جدا نہ ٽي،
محبوب ٽو بَڏان اڄ پانهون وري وري.

شُعلہ گري نظر جي "شورا" ڪندي شهيد،
ڪمزور تي ڪٽارين، ڪاهون وري وري.

***

(26 اپريل 1985ع سومرو لغاري سريوال)

محب ڏاران مئي محبت جي پيئڻ جي آ منع.
هي نياپا نينهن جا ٻئي وٽ نيئڻ جي آ منع.

سهنج پانتئي سور تان پوءِ نينهن جو ٽيندو نباءِ،
ڪِيئن ٻلا چَپ چورجي، دل ۾ دڙڻ جي آ منع.

منٺ ڪو مَقتل ۾ ناهي نيم بِسمل کي قرار،
دست و پا سان دمبدم ڦٽڪي ڦڙڻ جي آ منع.

قيس وانگر ڪو نہ آهي، حال ٻائي هت سَندم،
ڪيئن پُڇايان سي پرين جو هت پڇڻ جي آ منع.

ويو سڃڻ چيري صفون، ڇڻ چنڊ اَبر چيري چڙهيو،
پر رقيبن روبرو مرڪي ملڻ جي آ منع.

زور ڏيئي زاهد چيو، "اَستغفِرُ الله" عشق کان،
پير پائي پرت ۾ پوءِ پُٺ ڏيڻ جي آ منع.

من اندر مائڻ نہ گهرجي، محب ڏاران محب ٻيو،
قرب ۾ اهڙي ڪبيره جي ڪرڻ جي آ منع.

ٿا چون "شورا" تہ ناهي، شوق شامل شرع سان،
مست کي محبت سوا مذهب مڃڻ جي آ منع.

***

(2 جولاءِ 1985ع مسڙ وڏي)

ناز تنهنجا نت نوان آهن عجب اظهار لک،
حسن وارا تو ڪيا حيران هت هڪوار لک.

هي نشيلا نيٺ نايو ڏين ٿا خالص خمر،
تنهن سبب مستي ۾ آهن مست ڳئين ميخوار لک.

حسن هارن سان نہ ڪي سينگار سان ٿو سرس ٿئي،
حسن هڪ آ ذات تن مان، جي ڏنئي ذاتار لک.

وک وڏائين تان وهارين سُول سيني ۾ سوين،
جنهن گهٽيءَ مان ٽيو گذر، ٽي هر طرف هُيڪار لک.

ڪونہ آهي ڪنهن بہ شيءِ ۾، جا شفا شفتين ۾،
دُرس ديوانا ڪرين، پنهنجي هٿان هيڪار لک.

پل اندر پهتا گئين زاهد زبر حاذق حڪيم،
ڇا ڪندا ڦيٽا ڦڪيون، مون کي فرق ڦيڪار لک.

دوستيءَ جو دَرس ڏيئي، اڄ بہ ڇَوندن کي ڇيم،
ڇِرڪندن کي ڪين ڇيڙيو ڪن پلي ڪنڌار لک.

ٽيو جڏهن کان آهي "شورو" تنهنجي شيوا ۾ شروع،
هي بندو بيوس تہ ڇا پر پيا وڙهن پڳدار لک.

***

(2 آگسٽ 1985ع مسڙ وڏي)

سورن کي چئو ته مون سان ڪريو نہ ساز باز.
ڳاري ۽ آهي ڳاريو مون کي گھٹو گُداز.

سجدا ڪيم سوين جي سُبحان کي سَمھون،
ڪونھي پتو قضا ٿيا، يا ٿي ادا نماز.

بن کان نہ آهي ٻاھر، هي فلسفہء حيات،
ڪو نياز سان نوازيو ڪنھن کي نسورو ناز.

دم کن نہ دم پٽي ٿو پانڌي پريت جو،
سڪ جي سفر ۽ جڙ ڪو حاجي طرف حجاز.

نازن ٻريا نظارا نئين سج نوان نوان،
آهن عجب ادائون، هر هڪ رکي ٿي راز.

قربائتي ڪمند ڏس قيدي ڪيا لکين،
پنجوڙ تي ٻِرائي سر وڃ سرفراز.

هُن جي ثنا ۽ آهي ڪون و مڪان سدا،
شاهہ و گدا ۽ "شورا" آهي نہ امتياز.

***

(17 آگسٽ 1985ع ڳوٺ ڏل شورو تعلقو ميرپور ساڪرو)

ماڻ ۾ مون ڪِيو مُطالع وصل جو واري ورق.
شوق جي ٻاريم شمع، پر عقل جو ساڙي عرق.

درد جي دفتر ۾ دم دم باب آيا برهه جا،
سور جون پڙهندي سِٽون غم جي بحر ۾ ٽيس غرق.

تنهنجون تصويرون هزارين نقش جن تي ناز جا،
سا اٿم صورت سَمهون، سو زيب زينت زرق برق.

تون آهين تعبير تن جو جي ڏٺم سپنا سوين،
خواب ۽ تعبير ۾ تِر جو نه آ ڦيرو فرق.

منڪرن کي محب منهنجو مورهين منظور ناهي،
ڪجهه نه ٿئي ٻوڙي انڌي کي ٻل هجي رعدو برق.

شاهه خوبان جي اڳيان ڪٿ شمس جو "شورا" شعاع،
رات مان ٿيو روز روشن، غرب کان تائين شرق.

***

(20 آگسٽ 1985ع مسڙ وڏي)

اڄ بہ اُڏما ٽا اُٽارين، عشق جا آزار سڀ،
ڳَن بِلو ڪھڙو ٻلا، جي برھہ جا بيمار سڀ.

ھير ۾ ھيڪار ناھي، ويون ڳليون ڪومائجي،
ٻھڪندڙ ڪو ناھي ٻوٽو ڏس گھمي گلزار سڀ.

ويا تڏا سي ويڙھجي، جن تي وڃاٽا ھئا وڏا،
ھت نہ حاتم ٿو سُجھي ويا ھڙ ھليا ھيڪار سڀ.

مھر محبت موڪلائي ماڳ وئي موٽي وري،
پوءِ بہ لوچي ٽا لھن، جي ڪن ڦٽا ڪم ڪار سڀ.

مون بہ ھينئڙي کي چيو ھو "ھاڻ ڇڏ ھورو ٻلا"،
اِيءَ نہ مارن ريت وارا، تنھن پڙھيا اشعار سڀ.

مون چيو اکڙين کي، "اڄ کان لڙڪ لاڙڻ ئي ڇڏيو"،
تن چيو "سامھون اٿئون ھڪ سونھن ٻيا سينگار سڀ."

شوق کي "شورو" ڇڏي ڪيئن؟ ڳَل نہ ڪا توکي ڳَچا!
ڪِيئن وساريان، ڪين وسرن وِرھہ جا وھنوار سڀ.

***

(25آگسٽ 1985ع مسڙ وڏي)

اڪڙيون ڪٽي اجايو اڙائين متان متان.
سڪ ۾ سدائين سينو سڙائين متان متان.

سوز صَنعان ناهي مجنونءَ جي محبت،
ويسر ۾ وک نہ هيڏي وڌائين متان متان.

سڪ سا ڪٽي جا سهڻي مهراڻ کان نہ موٽي،
ٻيلو نہ ڪڻ، جي ڪٽندين، ٻُرائين متان متان.

مچ جي مجاز جا هت مچندا رهن مدامي،
پروانو چائي پاڻ، پڏائين متان متان.

محبت جي آهي منزل ٻورا بنهہ بعيد،
واڳون وري نہ اڏ مان ورائين متان متان.

توکي شعور شايد آهي نہ عشق جو،
باهہ برهہ کان پاڻ بچائين متان متان.

"شورا" شڪست آهي ڏارئين کي دل ڏيڻ،
اغيار کي اندر ۾ اَڏائين متان متان.

***

(20 آگسٽ 1985ع ڳوٺ ڏل شورو تعلقو ميرپور ساڪرو)

ميخوار ڇا ڪندو ڪو مستيءَ کان احتياط،
صاحب شرع کي آهي ساقيءَ کان احتياط.

جنت جو آهي وعدو زاهد ڪيو مگر،
بادهہ پرست کي آ بهشتيءَ کان احتياط.

دوزخ جا ڏيئي دڙڪا مايوس ڪر نہ مون،
لاتقنطوا ڪندو ڪيئن عاصيءَ کان احتياط.

نعمت نہ آهي توکي ناصح نصيب ڪا،
واعظ کي آ شرابِ دُرديءَ کان احتياط.

"فَردا" جو ڇڏ فڪر، اڄ "اِمروز" کي ملهاءِ،
سورن جي ناهي مون کي سختيءَ کان احتياط.

هيءَ ميڪشيءَ جي دنيا آزاد خيال آ،
مون کي تہ آهي ذهني قيديءَ کان احتياط.

هِن تَرڪ ميڪَشيءَ جي نوبت اچي بہ ڪِيئن؟
رِندن کي ناهي "شورا" رِنديءَ کان احتياط.

***

(25سيپٽمبر 1985ع مسڙ وڏي)

چون ٿا بچ، بچان ڪِيئن جو بنھ آھي بچڻ مشڪل.
اچڻ مشڪل، وڃڻ مشڪل، ٻيھڻ مشڪل، ٻچڻ مشڪل.

ھڻن ھامون ھزارين ٿا، ھلي تن جي نہ ھلندي ھِت،
ٻيو جي پور پرين جو تہ پوءِ آھي پلڻ مشڪل.

ھينئين ۾ ھيج مان ھُل ٿيو "ھلي حاضر حبيبن ٿي"،
سِڪن سوگھا ڪيا سنڌڙا صفا آھي سُرڻ مشڪل.

جُنونِ عشق جو جن جام پيتو آ هٿان جانان،
پُڇو تن مامرا محبت، محب آهن ملڻ مشڪل.

ذڪر، زيارت آهي عرفات، عاشق سان اَلائي ڏس،
وڃن جهڙو وظيفو ناهه، پر آهي پَڇڻ مشڪل.

مبارڪ منهن مثل ڪعبي، حَجر اَسوَد به هڪ پاسي،
چوي ٿي دل چمان ها پر چپن سان آ چُمڻ مشڪل.

چيو زاهد چڱايون ڪر، اڻانگي آخرت آهي،
نمازون نينهن جون نِيتَم نسورو آ نمڻ مشڪل.

لڳي ويا پيار تي پهرا، لکين لاڳو قلم ڪيئي،
هزارين ٻيا حُڪم حَربا ستم اهڙا سَلڻ مشڪل.

پرين پاڙي سندئي ۾ جي پُڄن پويان پساهه جيڪر،
پسائج پاڪ پيشاني، هئي ڏورانهه ڏسڻ مشڪل.

چيو يامين کي يارن، "وڏي تنهنجي وندر ڪهڙي؟"
"وَليان ٿو تير ورهن کان، چيم آهي ولڻ مشڪل".

شهادت جي گهرين "شورا" ته ناهي شوق ڏاران ٻي،
چڙهي سڪ جي متي سولي سدائين آ سِڪڻ مشڪل.

***

(29 آڪٽوبر 1986ع اربع رات 12 بجي اوطاق حافظ محمد خان سومرو دوآبه حيدرآباد)

مَهه لقا منڌار مورت، ماربا مسڪين ڪين.
تڙپندن جي تن ۾ آهي تو بنان تسڪين ڪين.

مون گهري دل سان دعا "مولا ملائج محب مون"،
وصل ۾ ويرم نه هئي پر تو چئي آمين ڪين.

ڪين ٽي گذري گهڙي گهايل سندي گوندر سوا،
درد دانهون دونهن دمدم غم لٽا غمگين ڪين.

چنڊ جي چانڊاڻ ڪان وڌ صاف آ سيمين بدن،
تو انهي تخليق تي، تحقيق ڪئي تحسين ڪين.

وار هئا وَاللّيل وانگر، والضحيٰ ڪان منهن وڌ،
بيهي سگهيو پر ۾ نه بيشڪ هي مگر مسڪين ڪين.

دم اُلهاري دم اُپاري، سج سدائين ساڻ تنهن،
ڏس رنگا رنگي رنگيءَ جي، رنگ ٻيا رنگين ڪين.

ٽا چون، "سڏڻا ڪرين سڪڻي سدا ساراهه ٿو"
ماهتابي محب جا مَٽ نازنين نمڪين ڪين.

هو جفائون جي ڪري، ته به تو نه تِر جيهي جڳاءِ،
قول پَڄندو قرب وارو يار جو "يامين" ڪين.

رک چمي چشمن مٿي شوخيون انهي جون شوق سان،
شوق جو شربت شفا "شورا" آهي شيرين ڪين.

***

(1 نومبر 1986ع مسڙ وڏي)

اکڙين مان ڇلڪي ڇلڪي ڇلڪي پوي ٿو پاڻي،
چُپ چاپ لڙڪ لاڙي، آهيم ٿي پڇاڻي.

جيسين جيان ٿي جاني، آن ۾ اٿم اميدون،
ايندو عجيب ايندو، ڏهنايون ڏيان ڏهاڻي.

سڪ ۾ ڏيئي سزائون، سهڻا نہ مار مون کي،
واهر ڪريو وِلهيءَ جي واجهائي پئي ويڳاڻي.

دردن جا دونهن دمدم دل ۾ دکن ٿا دلبر،
بيوس ٻِلو ڪري ڇا؟ آهي اصل اياٽي،

ورهين جا ڏيئي ويڇوڙا، ويڻين وڃي وساري،
روئندي گذاريان راتيون، هيءَ رات پڻ وهاٽي.

اُجرن اڳڻ اچين جي، ڪنهن مهل ڪنهن بهاني،
صدقي ٿئي سڃڻ تان، ورهين کان جا وڪاٽي..

سهسين سُکائون سهڻا، پيري تنهنجي لئہ باسيم،
داتا ڏٺيءَ جي در تي، آهم دعا اگهاٽي.

محبوب تي ميارون "شورا" نہ ڪر شڪايت،
ويهندا نہ هو وساري، نيندا نڏر نماٽي.

***

(15ڊسمبر 1988ع مسڻ وڏي)

هر دم تنهنجي ياد ستائي.
برهہ جون باهيون ٿي پڙڪائي.

اکين ۾ ٿي ويهہ او ساجن!
روح رُنل کي وچ پرچائي.

چنڊ مثل آ چهرو تنهنجو،
چانڊوڪي ٿئي تنهنجي آئي.

ڏند سڄڻ جا موتين مالها،
ٿهڪ ڏيو ٿو خوب کلائي.

ٻول منا جڙ ماکي مصري،
جڏهن سهڻو ٿو ڳالهائي.

نرم هٿن سان جيڪي ڏينديين،
پيار جو تحفو دل ٿي پائئي.

جيئري جاني ڪر نہ جدائي،
ائين ڪرڻ ٿو ڪين جڳائي.

خوابن ۾ تون خيالن ۾ تون،
تنهنجي محبت مچ مچائي.

گٽبا ڪين وچوڙا مون کان،
دل کي دل سان وچ تہ ملائي.

ڏور وڃين ڇو وينو آهين،
اڃ تہ مِلون اڃ پاڪر پائي.

پاڪ محبت پاڪ تمنا،
آس اها من الله پڄائي.

منهنجي عبادت حُسن جي پوڄا،
"شورو" وينو دل وندرائي.

***

(24 آڪتوبر 1991ع مسڙ وڏي)

اکيون اوچتو اڄ اُلاري هليو ويو.
مِٺي مُرڪ سان محب ماري هليو ويو.

ڪرڻ ڪِيس اهڙو جڳائي نہ جاني،
دکايل جي دلڙي ڏتاري هليو ويو.

ڪُٽو قرب تنهنجي ڪريان ڇا قريب،
سِڪايل ڇڏي بي سهاري هليو ويو.

وڏي ٿو وڇوڙو مُئل ماس کي،
وفا جا وچن سو وساري هليو ويو.

ڪُٽل قرب جي تي ڪجي ڪهل پر،
اندر ۾ ڪي اُڏما اٽاري هليو ويو.

ٿئي توکي ديدار "شورا" نصيب،
ڪٽي نيٺ نازڪ نهاري هليو ويو.

***

(16 ڊسمبر 1991ع مبارڪ جروار)

اُٹي پئي اندرمان ايا آهه عشق.
لُٹي سِر لکن جا ڪڍيا لاهه عشق.

بچان ڪِيئن بچڻ جو نه موقعو ملي،
برهه ۾ ته پڙڪيو ٻري باهه عشق.

ستايل سهي ڪين سگهندو ستم،
سَوَن کي سِکائي ڪڍيو ساهه عشق.

عجيبن جي انداز گهايو گهٽن،
ٻلا حسن تي ڇا ڪندو ڪاهه عشق.

چُڪو جن چکيو مست محبت ۾ سي،
رقيبن نه روڪي سگهي راهه عشق.

هينئين تي هلي ڪين هاڻي حڪم،
نڪيندو نڪي ويو ڪري ناهه عشق.

اٿم آس "شورا" شفا جي مگر،
چريو ٿيو وتان جو چکيم چاهه عشق.

***

(15 فيبروري 1992ع مسڙ وڏي)

روح جي راڻي راجڪماري،
توبن ڪونهي قلب قراري.

گهورون گهائن منهنجي من کي،
بي وس آهيان بي اختياري.

تن ۾ تات طلب آ تنهنجي،
روئندي مون آ رات گذاري.

ڪيسيتائين ڪُهندي رهندئين،
پاري وچ اڄ پرت پياري.

پرچي پئو ڇڏ ريت رسڙ جي،
دل کي دلبر ڏي دلداري.

پاجهاري کي پاجهه پوي ڪا،
پري اسان کان ڪري خواري.

ناهي خبر ڇا ٿيو آ مون کي،
"شورا" منهنجي توبه زاري.

***

(27 آڪٽوبر 1991ع مسڙ وڏي)

تارا تبر ئي ڪافي ٻيا تير تون نہ رڻ.
نشتر نظرئي ڪافي ٻيا تير تون نہ رڻ.

ڪاڪُل ڪُنڊين ۾ ڪيئي ڪڙيا قريب تو
جورو و جبر ئي ڪافي ٻيا تير تون نہ رڻ.

آهُو چشم جا آهن گهايل گهٽا هتي،
ابرو اثر ئي ڪافي ٻيا تير تون نہ رڻ.

مُرڪڻ ڪان وڌ نہ مورهين مصري منائي ماکي،
قهقه قهر ئي ڪافي ٻيا تير تون نہ رڻ.

تنهنجي فراق ڦٽيو ڦارون ڪري هينئون،
دل دربدر ئي ڪافي ٻيا تير تون نہ رڻ.

باهيون برهہ جون پڙڪي پنيڻ بنهہ ٽيا،
ٻارڻ جو ٻر ئي ڪافي ٻيا تير تون نہ رڻ.

ساوڻ سيارا سڪ ۾ گذري گهڻا ويا،
هاڃا هجر ئي ڪافي ٻيا تير تون نہ رڻ.

"شورو" ڪُنو آ قربن شايد ٽئي شهيد،
ههڙو حشر ئي ڪافي ٻيا تير تون نہ رڻ.

***

(10 جنوري 1996ع ڳوٺ سومرو لغاري لڳ سريوال)

حُسن سنديون هي سڀ تنويرون.
خواب محبت جون تعبيرون.

دل تہ منهنجي آئينو آهي،
هيڪ تصور سؤ تصويرون.

عقل و فهم جيڪي جوڙيون،
ٽوڙيون عشق سيئي زنجيرون.

اڄ بہ آهي ناڪام تمنا،
ڪيئي رانجها ڪيئي هيرون.

وقت اچڻ تي ڪم نہ ايندیون،
ڇا تدبيرون، ڇا تقديرون.

آهون دانهون لُڙڪن لڙهيون،
لفظ محبت جون تفسيرون.

بنجي بگڙن، بِگڙن بنجي،
هي تخريبون، هي تعميرون.

جهنگ جبل يا صحرا "شورا"،
دُرويشن جون اِيءَ جاگيرون.

***

(4 ڊسمبر 1984ع مسڻ وڏي)

رهيو ڪين راڻو رُسي ٽيو روانو
ڪيو درد دلبر! دُکيءَ کي ديوانو

مُنهي هاءِ مومل انهيءَ مامري ۾
صبر سُک نہ سنيري، روئي رت روزانو

اٽئون اِي اوسيئڙو عجيبا اچن شل،
پوريءَ کي بنايو آ بَر ۾ بيگانو

واجهائي ويچاري وٽيو واٽ ور جي،
اُجاري اچي سو اندر جو ايوانو.

پلا پاڇ پايان جي پر ۾ بيهڻ ڏئي،
پرين شال پرچن، زهر ٿيو زمانو.

رکي ڪاش ڪامل قدم ڪاڪ تي اڄ،
گولي ٿي گذاريان، پائي ڇڇيءَ ڇانو.

نہ ڇن نينهن ناتو نوازج نماڻي،
ڪجان ڀال ڀيرو بنائي بهانو.

صبا! ڇئيج ساري سنيها سڃڻ کي،
اٿم آس اها جي، جيسين آب دانو.

رهڻ ڏيم راڻو پرين پنهنجي پاڙي،
گهوريان گهوٽ تان هي "شورا" ڪُل خزانو.

***

(14 اپريل 1981ع ٽنڈوالهيار)

اَلائي عجيبن ڇڏيو ڇو وساري
رهن دور دلبر سندم دل ڏتاري

سندي درد دل جي ڏيان دانهہ ڪنهن کي،
اکيون آب هارين اهي سور ساري

نہ ڪو نينهن نياپو مُکو مون ڏي مُحبن،
سِگهو پهچ سهڻا محبت ٿي ماري

سڃڙ جون سڪون ڪيئن ڏني لوڪ لهنديون،
وڇوڙي تہ ويتر وڌا واجهہ واري.

دنيا ۾ تہ دلبر سوين ٽا سُجهن پر،
جهلڪ ساڻ جاني جڏا ٽو جياري.

اسان جو تہ ارواح اٽڪيل اُتي آ،
جتي سهڻو سينا سڙيل ٽو سُڌاري.

ڪري تِنڊ ٽهلي تِلي ڊيل وانگر،
منا ٻول ماکي ويهان ڪيئن وساري.

جڏو هي جسم ڪيئن پُڄي پار پرين،
نہ ڪا سگهہ نہ سواري، سِران بي سَهاري.

صفا ڪين سرچي دلاسن سان دلڙي،
پسي جي پرينءَ کي، اندر جو اُجاري.

بني بند مون لئہ دنيا ساري دلبر،
گهڙيون سي گهنگهر جون ويندس نيٺ گهاري.

مِلين مُحب مُرکي، مرض ميٽجن مون،
سڃڙ سينڌ سُرما سگهو اچ سنواري.

وڃن درد دل جا ٿئي دم ڪو درشن،
اندر جون اُڪيرون لهن اک اشاري.

سلامت صحت سان هجن شل حياتي،
ڳڙن ڳاڙها ڳوڙها، ٻي ڳڻتي ٿي ڳاري.

تنهنجا ڳُڙ ۽ ڳالهيون ڳڻي ڇا ڳڻيندس،
تنهنجي سونهن سوپيا وڏو مُرڪ ماري.

پُڃائيج پرور پرينءَ پار پل ۾،
هلڻ جي همت ڪا ته ڏاتار ڏياري.

خوشي خواب خوراڪ "شورا" وڻي ڪيئن،
جنهن جو هِت نہ جاني جيڪو جيءَ جياري.

***

(20 آگسٽ 1983ع ڳوٺ سومرو لغاري لڳ سريوال)

جي لُڇان لڇندو رهان پيو، پر رقيبا تون نہ رڦ.
جي ڪُسان ڪُسندو رهان پيو، پر رقيبا تون نہ رڦ.

سِر ڏيَن سِرويچ ٿا جت عشق جي آهي اڏي،
ڪونہ آ بِسمِل ڪو بچيو، پر رقيبا تون نہ رڦ.

ٿي روا تو وٽ ريا پر سچ تہ ڏيندو ساٿ مون،
سچ سڙي مَچ ۾ پلي پيو، پر رقيبا تون نہ رڦ.

هِمتون جن وٽ هيون، تن جي ئي ڪئي مولا مدد،
پوءِ ٻُڏي يا ڪو تَري پيو پر رقيبا تون نہ رڦ.

قاصداڻي ڪار ڪانهي ڪيچ کا ڪڏهين رَسي،
سِر مٿي سهندو رهان پيو، پر رقيبا تون نہ رڦ.

جُرم جنهن جو عشق آهي، سو چڙهيو اڇ دار تي،
تڙپندو تڙپي پلي پيو، پر رقيبا تون نہ رڦ.

محبتي "شورو" ٿيو اڇ شرپسندن ۾ شمار،
پل قلم ڪهڙو لڳي پيو، پر رقيبا تون نہ رڦ.

***

(22 جنوري 1996ع، 1 رمضان شريف 1416هـ سومر، مسڙ وڏي)

دم نہ هو جو ڏار سو ٿيو ڏار قسمت کي چوان،
مُنهن ويو مون کان مَٽي مٽنار قسمت کي چوان.

جو هينئين ٽوٽي هيو سو ويو تہ هينئڙو هنڌ ناهہ،
حوصلو همت ويا هيڪار قسمت کي چوان.

ويڙ وڇوڙي جا مليا مون کي وفائن جي عيوض،
جيءَ جڏي جو سو ٿيو جنسار قسمت کي چوان.

دل سندم درخواست ڪئي "دلدار جو درشن ٿئي"،
عرض اُونائڻ بجا انڪار قسمت کي چوان.

ڪيئن ڪجي ڏاران قريبن، قرب جي ڪنهن سان مقال،
ويا وري ويٽر مٿم ويچار قسمت کي چوان.

در نہ ڇڏبو دوست جو توڙي ڏکينم توڙ تڪ،
ساڻ ڏرڻي ٿو ٿئي ديدار قسمت کي چوان.

وصل سان ئي ٿي ٿئي "شورا" شفا جيڪر ملي،
پر نہ آهي ڪو ايڏا آثار قسمت کي چوان.

***

(10 آگسٽ 1996ع مسڙ وڏي)

منو آهي محبوب جڙ ڪير ڪنڊ.
وري سونهن ۾ سرس چوڏهين جو چنڊ.

خوشيءَ مان ڪنيا مون انهي جا انگل،
ڪيو قلب قيدي آ محبت جي منڊ.

نوان ناز تنهن جا ڏاڙي ڏسان،
ونڊي ٿو زمانو ڏسڻ جو بہ ڏنڊ.

پرين جي پَسان روح ريجهي پوي،
رقيبن وڏي آ وڏي روڪ رنڊ.

نبيرا ڪيا نينهن مون سان نوان،
ائين جيئن اٽي کي پيو پيهي جنڊ.

پرين سان نہ پاڙي سگهياسون پريت،
عقل ڇا ڪري؟ عشق آهي اهنڊ.

رهاڻين ۾ ٽا روز چوندا رهن،
گهٽو آهي "شوري" کي هُن تي گهمنڊ.

***

(11آگسٽ 1996ع مسڻ وڏي)

محتبي مسڪين سان مُرڪي ڪڏهن ملندو ته ڪر،
وڇڙيل ويچاري سان ويهي ڪن پل ڪڏهن ڪلندو ته ڪر.

تنهنجي سري ويندي مگر منهنجي نہ ٿي ساعت سري،
مهراڻ جان محبت پريون چوليون هٽي ڇُلندو ته ڪر.

عيد جي چنڊ جان اوهان کي ڀُوليان پيو ڀُوٽ ۾،
تون بہ ڪنهن تفريح جو حيلو ڪري هلندو ته ڪر.

انتظاري ۾ اوهان جي، ويا ورهيہ گذري گهڻا،
هي هجر هاڃا ڪيا اهڙي هلت هلندو نہ ڪر.

نالي خدا اي نازنين چوٿو سِڪائين ڇڏ سِتم،
سِڪندا پُنا سڪرات کي ڏک سور تن سَلندو ته ڪر.

"شورا" شهنشاهن اڳيان ڪونهي ڪُڇڙ جي ڪا گهٽي،
ماريل وڇوڙن جو آهيان نازڪ نهارندو ته ڪر.

***

(25آگسٽ 1996ع مسڙ وڏي)

مِني مُرڪ تنهنجي جڏا ڳئين جياريا.
وڇوڙا ورهين جا ورائي وساريا.

قرب جي ڪريو ڪا اسان تي عنايت،
عنايت اوهان جي، اندر ڳئين اُجاريا.

صبح ساڻ سهڻن پسايو پري کان،
اسان عشق ۾ جڙ الف بي اُچاريا.

اُجاريون اکيون ڪِيئن پهر پل ۾ ڏاپن،
اسين اُلفتن جي اُليءَ مرض ماريا.

ڪري قوت اکڙيون مُنيون موتي آيون،
برهه جا پنيٽ تِن تہ ٻيهار ٻاريا.

مسيحائي اهڙي نہ موجود آهي،
اٽيءَ ڪنهن جي اکڙين هُجن ڪي اُٽاريا.

عرضدار "شورو" اڳيان شاهه عالم،
ڪرم ٽئي ڪنگالن، قُرب جي قطاريا.

***

(10 آڪٽوبر 1996ع مسڙ وڏي)

محبت جو وڪرو ڪري ڪين ڇاڻو.
اسان عشق اهڙو ڪري ڪين ڇاڻو.

ڪيو ناز نخري کي نيلام جنهن آ،
اسان محب اهڙو ڪري ڪين ڇاڻو.

چپن کي چَٽي ٿا چوائين چاهت،
اسان قرب اهڙو ڪري ڪين ڇاڻو.

وڪامي چمي، چاهه، پاڪر پلي پر،
اسان نينهن اهڙو ڪري ڪين ڇاڻو.

سچي سڪ رکون ٿا سدائين سڃڻ جي،
ٻلهو ناهه ناهي ڪري ڪين ڇاڻو.

ڪڏهن ڪين ڪوڙن سان شامل ٿي "شورا"،
پرين جهڙو تهڙو ڪري ڪين ڇاڻو.

***

(11نومبر 1996ع مسڙ وڏي)

ڪري سينگار سُبحاني سڃڻ اڄ سير تي سنيريو.
پسائي پاڪ پيشاني سڃڻ اڄ سير تي سنيريو.

گھٽيون گلزار بنجي ويون، جتان گذريو گوھر گھمندي،
ھئي ھُيڪار حيراني سڃڻ اڄ سير تي سنيريو.

ڪيا ديدار دل وارن مگر ڏاوا نہ ڏاپن پيا،
نسوري نينھن نيشاني سڃڻ اڄ سير تي سنيريو.

پلا ھِن طور تجلي جي ڪجي تعريف ڪھڙي سِڻ،
نظارا نور نوراني سڃڻ اڄ سير تي سنيريو.

مٿان ملڪوت مان مُرڪي ملائڪ جڻ لھي آيو،
سُجھي تنھن جو نہ ٿو ثاني سڃڻ اڄ سير تي سنيريو.

دوا دلبر ڪئي ڪافي شفا "شورا" ڏيندو شافي،
نہ ڪر ڪا پوءِ پريشاني سڃڻ اڄ سير تي سنيريو.

***

(29رمضان شريف 1417ھ مسڻ وڏي)

دود دونهان دل اندر دلبر ڏُکايا اوچتا.
لوڪ ۾ جي هئا لڪل سي اڄ لکايا اوچتا.

مچ مجازي جا مدامي ٻارهي ٻرندا رهيا،
تان ڏٺي ساجن سَندي ٿي ٻيا سوايا اوچتا.

سڪ سندا روزا رکيم پئي روز راڻل ڪاڻ پر،
ديد ٿيندي عيد جا ايام آيا اوچتا.

عشق جي ڪوري ۾ ڪامي جي پَڇي ٿيا پاس هئا،
سي مڙيئي ميڙي وري محبت ملايا اوچتا.

جن جي ورٿي ۾ وڇوڙا تائين ورهين ٻيا پلئه،
عرض آزيون نيٺ ان جا اڄ اڳهايا اوچتا.

سوز سڪ ۾ سور سختيون جن سنيون صبح و مسا،
صاب پيا تن جا سيئي لايا سجايا اوچتا.

ڪي گھڙيون گڏجي گذارڻ ٿيون نصيبن سان نصيب،
تان هجر حملو ڪري ويچا وڏايا اوچتا.

اوڏڙا آهين پر ٿيا ڏور ڏيهان ڏيهه جڻ،
قسمتن جي قيد سي قابو ڪڙايا اوچتا.

جن رکي هئي روز اول کان رقابت روح ۾،
نيٺ سي ساڙو سيئي ڪِهه ڪپايا اوچتا.

شائقن تي شوق ٿو شعلہ فشان هردم رهي،
وِرهه وارن جا وچوڑي وڻ وڃايا اوچتا.

لطف لاثاني ڪيئي تان وچ نہ ويجهو ڪي وصل،
توڙ تائين ڏک ڏسڻ ۾ سک سمايا اوچتا.

دائمي دنيا نہ رهندي درد ويندا دور ٿي،
صبر ساجهه ساڻ ملندئي ڦل ڦلايا اوچتا.

هُت هلي ڏسجانءِ "شورا" جي وتن وڃڙيا هتي،
خود خدا سي آخرت ۾ ڪِيئن گڏايا اوچتا!

***

(3سيپٽمبر 1998ع بروز خميس مسڻ وڏي)

تصوير اڳيان تنهنجي ڏينهن رات رنو آهيان.
تو آهي جدائي ڪئي ٿيو ڇورو ڇنو آهيان.

تنهنجي آهي سري ليڪن منهنجي ڪين سري سهڻا،
ڏينهن رات ڏکن ۾ جڙ ٿيو ڏنجهه ڏنو آهيان.

ڏيئي پيار ڪري پنهنجو پوءِ ڇو آ وڇوڙيو تو؟
ڏيان دانهن ڀلا ڪنهن کي جو ڇيهه ڇنو آهيان.

ڏني تو آ سزا جيڏي، ناهي ايڏي خطا منهنجي،
ڪجهه رحم ڪريو راڻا، جو ڇيڄ ڇنو آهيان.

ايڏو ناز نہ ڪر سهڻا، هِن حُسن جواني تي،
سڀ فاني فنا تون مان، جڙ سڙيل پنو آهيان.

ڌري نيٺ پون "شورا" جي پيارل پرچي پئي،
پوءِ بوند بهاريءَ ۾ جڙ پيج ٻِنو آهيان.

***

(22اپريل 2007ع آچر مسڙ وڏي)

ڪيئن ڪريان ڪيڏانهن ويجان، ڪنهن سان ڪريان هي حال دل؟
تو بنان تڙپي پئي جا پرت ڪئي پائمال دل.

هڪ برهہ باهيون ٻريون ٻي بي قراري بيوسي،
ٿي گذاري ان گهنگهر ۾ ڏينهن راتيون سال دل.

پيو ڪريان تلقين تنهن کي صبر جي صبح و مسا،
پر نہ مورهين ٿي ميڃي مجبور سا بي حال دل.

جي منا مرڪي مِلين تان مون مِلن خوشيون خرار،
هِن هنئين هورو لهي، ٿئي مفت مالا مال دل.

سپ سُڃائي سون چاندي، دولتون دارين پڙ،
خوبرو خوش ٿي ڪلي تان خوب ٿئي خوشحال دل.

اي سخي! ڪرڪا سخاوت هِن سُڃي سائل متي!
فقر فاقه فرقتن جي، آ ڪئي ڪنگال دل

دل دليلن ۾ پئي، دلبر! دلاسو ڪو ته ڏي!!
اڄ سُيان جي آسري لئه پئي پَٽي هيءَ فال دل.

وئي وڇوڙن ۾ وَهي "شوري" سِڪون پيئون پلئه،
وصل وائي واريين تان شاد ٿي پئي شال دل.

***

(26اپريل 2007ع خميس مسڙ وڏي)

ڪالھ تنھنجي شھر ۾ اڄ ٻہ تنھنجي شھر ۾
ٽيو گدا گولو وتان پيو اڄ ٻہ تنھنجي شھر ۾

گس گھٽيون گلزار گھمندي ڪين گھٽ گوندر ٽيا،
سور سپ سر تي سھان پيو اڄ ٻہ تنھنجي شھر ۾

منتظر محبوب لئہ ڪو دور کان درشن ٽئي،
ڪين ڪجھ ڪي ٻيو ڪُچان پيو اڄ ٻہ تنھنجي شھر ۾

مُنهن متائيندين بہ ڪيسين؟ آسرو الله ۾!
تنهن سهاري تي تڳان پيو اڄ بہ تنهنجي شهر ۾.

ناز نخرا نت نرالا نينهن وارن جا نوان،
سي سيئي ڪليو ڪٽان پيو اڄ بہ تنهنجي شهر ۾.

آگ اندر جي اُجهامي، وصل ٿئي جيڪر وري،
ٻاجهہ ڪر ٻانهون ٻڌان پيو اڄ بہ تنهنجي شهر ۾.

ڇو روا ٿي ريت؟ رب ڄاڻي ؟سدا پنهنجا ڪُهڻ،
قرب ۾ تنهنجي ڪُسان پيو اڄ بہ تنهنجي شهر ۾.

اوچتو اڄ رهگذر تي، رب ڪري ٿيان روبرو،
پاڪ پرور کان پنان پيو اڄ بہ تنهنجي شهر ۾.

اڇڻ جي آٿت ڏيو توڙي اشاري سان عجيب!
سؤ شڪر "شورا" چوان پيو اڄ بہ تنهنجي شهر ۾.

***

(3مارچ 2009ع مسڙ وڏي)

اچي منهنجي اڳڙ انور قريبا قرب ڪاريو اڇ،
پساهه پورا ٿيڙ کان اڳ ڏيئي آٿت اٺاريو اڇ.

سُڪن ساڙي ڇڏي سُڌ بُڌ نه همت حوصلو هاڻي،
هلي هيڪر ٿيو حامي، اندر منهنجو اُجاريو اڇ.

ٻڌي ٻانهون نمي نِوڙي ڪريان آزيون اوهان آڏو.
سڪايل جو سهارو ٿي، سقيمن کي سنواريو اڇ.

برهه بيمار بسمل کي ٻُڪي ٻاجهن ٻري ڏيئي،
سِڪي سڪرات ۾ پهتل، سگهيرو سو سڏاريو اڇ.

منا مجبور من تي مون، مجازن مڇ مڇن هر هر،
ٻلا سُڏرن سوا تو ڪيئن؟ جڏا جيڪر جياريو اڇ.

اگهايا عرض آگي مون، شڪر "شورو" ڪري هر پل،
هينئين سان هل حقيقت ڏي، مجازي مام ماريو اڇ.

***

(4 مارچ 2009ع مسڙ وڏي)

پرت پاريندي پلئه پيم سڪ سندو سودو سلف،
وچن وعدي سان وفاداري نہ آ هلڪو حلف.

سور سختيون پور پل پل، طعنہ بازي تنهن مٿان،
ان نبيري نينهن وارن جو ڪيو تن من تلف.

ساٿ ۾ سچ جي رهن ٿا سڪ وندا سالڪ سدا،
سادگي جن جي سچاٽپ، ڪين ڪن ڪوڙو ڪلف.

عشق وارن تي اچن ٿيون آزماشون امتحان،
تن پڙهي پرتئون پتي، هينئڙي هنڌايئون هڪ الف.

ويا وجودان ورهہ وارن، شوق شاهي، شادمان،
هر گهڙي گوندر ۾ جن، سي ڪيئن گهمن دبئي گلف.

تن ۾ تون هي تون تنوارين، خواب توڙي خيال ۾،
عشق بس، "شورا" انين جو آب داڻو آ علف.

***

(11مارچ 2009ع مسڙ وڏي)

نينهن وارن جي نياپي ساڻ ٿيا ناچاق، چاق.
من تان مونجهارو لٿو ويتر وري ٿيا چاڪ، چاق.

قاصدن واتان ٻُڌم، ڪوٺيو قريبن قرب مان،
اُن کان وڏ اعزاز ڪهڙو؟ آهي احسن اتفاق.

قاصداڻي ڪوٺ تي پنبڻيون بنائي پير ڪيم،
وک وڌائڻ سان وري وڌندو ويو پئي اشتياق.

ماڻ ۾ احوال اڪثرين اوريو آڏو عجيب،
مِڙ مُدعا منظور ٿي، ڪَر ڪي ڪيائين عاق عاق.

محبتي مسڪين مخلص جو قدر ڪيڏو ٿيو!
ٿو آڳهي اِخلاص اُت، جو نينهن ۾ ناهي نفاق.

ٿي وري وحدت ڏي ڪثرت، جيئن ورن شمسي شعاع،
ڪيڏ نه لڳ ڪثرت جي ڪڏهن، وحده واحد وفاق.

هيڪڙائي کي هينئين ۾ تون هنبائج هر هميشہ،
لنئون لڳائج هيڪ سان، هِن هُن کي ڏي هڪدم طلاق.

ڳاءِ ڳڻ بس هيڪ جا، "شورا" ڳلي هر ڳوٺ ۾،
شرڪ شڪ شبهات ڇڏ محبوب سان آهي مذاق.

***

(19مارچ 2009ع مسڙ وڏي)

واهہ جا ديدار ٿيا دلدار آيو اڄ اڳُڻ.
مرحبا صد مرحبا منڌار آيو اڄ اڳُڻ.

ڇا تڪي توري سگهان، جي اڄ مَٿم احسان ٿيا،
ڇڻ وسائي وڏڦڙو وينجهار آيو اڄ اڳُڻ.

هٿ ڏريائين هاڻء تي ڇڻ هير ڌاريو هاڻء ڪي،
موج ٿي مهراڻ جي مهندار آيو اڄ اڳُڻ.

سور سليم پور پليم، پرت پاريم پل پهر،
غم لڌا غمگين جا غمڌار آيو اڄ اڳُڻ.

هنج هرڻ حورون پريون شايد ويون شرمائجي،
جيئن منو محبوب مڙيادار آيو اڄ اڳُڻ.

خوبرو خوش ٿي مليو تان ڪر ڪريل ڪامي ويا،
هيج حُب حُج مان هينئين جو هار آيو اڄ اڳُڻ.

شغل شادين شادمانن جا ويا واڃت وڃي،
سؤ شڪر "شورا" اکين جو ڌار آيو اڄ اڳُڻ.

***

(20مارچ 2009ع مسڙ وڏي)

در ڇڏي دلدار جو ٻئي در وڃڻ آهي عبث،
محب هڪ سان محب ٻيو مهتر مڃڻ آهي عبث.

دل جو دلبر هيڪڙو جنهن جي سمايم حُب هينئين،
ٽيا نهارا نيڻ هڪ ڏي، ٻيو ڏسڻ آهي عبث.

دوستي در درتي لائن، چلولا چئجن اهي،
من اندر مائي محب ٿو ٻيو مَيڻ آهي عبث.

هيڪ جي در تي هجان، هر حال ۾ هر ڳالهه ۾،
سُڻ سندم ستار، سائين ٻيو سَجَڻ آهي عبث.

روح ۾ جنهن جون رهاڻيون رات ڏينهن رڇنديون رهن،
سو منو مالڪ ڇڏي ٻئي کي مڃڻ آهي عبث.

دل ۾ ڏارج ڪين دم ڪو هڪ خدا سان گڏ خودي،
قلب تي ڪاراڻ ڪٽ اهڙو ڪسڻ آهي عبث.

شوق ۾ "شوري" کي شعلا پيا لڳن، لڳندا رهن،
پوءِ ب پاري پرت پيو، ٻئي سان پرڻ آهي عبث.

***

(20مارچ 2009ع مسڻ وڏي)

حسن وارن لئہ هميشہ جيءَ ۾ جايون جوڙ جوڙ.
جوتڙي توکي تنين کان، تنهن کان توڙڻون توڙ توڙ.

عشق ۾ افضل عبادت، سونهن جي سيوا سدا،
جو رکي ٻيائي ٻنهي سان، تنهن جو ٻيڙو ٻوڙ ٻوڙ.

نينهن وارن کان تہ نفرت يا رُکائي جو رکي،
ان مُئي مردود کان هر مهل منهنڙو موڙ موڙ.

سڪ پريتن جا سبق سانڍي رکج سيني اندر،
خوبرو لاءِ خوشي مان دل ۾ خيما کوڙ کوڙ.

سان قريبن قرب قربت، کر ڏسي کامي ڀلي،
پيو سڙي ساڙو سدا، سَرنديس فقط ڊڪ ڊوڙ ڊوڙ.

ڇا لکي سگهندس پلا، تعريف تنهنجي شان ۾،
خان جي خدمت اڳيان، هيءَ آهي رنڊا روڙ روڙ.

قرب وارن جي قدم ۾ شل پُڄن "شورا" پساهہ،
پوءِ نہ اُلڪو ٿئي عذابن ساڻ سيني سوڙ سوڙ.

***

(9مارچ 2010ع)

تنهنجي عشق اندر آئون ڏينهن رات چريو آهيان.
تنهنجي ويندي سري سهڻا آئون ڪين سريو آهيان.

ڏينهن چار حياتي آ، ايڏو ناز نہ ڪر سهڻا،
روئان راهہ وٺي تنهنجي، جو قرب ڪڙيو آهيان.

هي جور جدائي جو ٿو موت مثل پايان،
منجهہ باهہ برهہ جي مان، نُنهن چوٽي سڙيو آهيان.

ڪريان عرض ٻڌي ٻانهون مڃ منٿ منهنجي منڙا،
ڪر ڪين نڌڻڪو مون، تنهنجي پلئہ پريو آهيان.

تنهنجي شوق اندر "شوري" ڏٺا ڏينهن جدائي جا،
ڪر هاڻ ڪرم تنهن تي، جو سڪ ۾ سڙيو آهيان.

***

(23جون 2005ع مسڙ وڏي)

واٽ ورتي مون وفا جي، پل ٿئي هو بيوفا.
مِڙ مٿي منهنجي ميارون، جُٽ جبر جورو جفا.

سور سوريءَ جي سزا جو، ساهه کي ڪي ساعتون،
پر برهه بِسمل ٿئي ٿو ڪين ڪي سالم صفا.

ياد آهن، ياد رهنديون، يادگيريون يار جون،
ڪيئن وساريان قرب وارن جي ڪيا وعدا وفا.

آسري ۾ آهيان اڄ ڪي سُپان ايندا اڳٽ،
رس رهاٽيون خوب ٿيندیون، ڪين ٿيندا هو خفا.

آه و زاري انتظاري بي قراري بي وسي،
قرب ڏاران قربدارن، ڪين ٿئي "شورا" شفا.

***

(24جون 2005ع مسڙ وڏي)

ڪالھ تنھنجي شھر ۾ اڄ ٻہ تنھنجي شھر ۾
ھي گدا گولو وتي پيو اڄ ٻہ تنھنجي شھر ۾

تو مٿيو منھڙو مِٺا مجبور مون مسڪين ڪان،
مفت ۾ ھاٿي مران پيو اڄ ٻہ تنھنجو شھر ۾

ترس توکي ڪين آيو تڙپندو تو لئہ رھيس،
وصل لئہ واجھائيان پيو اڄ ٻہ تنھنجي شھر ۾

ڪر ڪرم جي ڪا نظر محبوب مون مجبور تي،
تنھنجي صورت لئہ سِڪان پيو اڄ ٻہ تنھنجي شھر ۾

گس گھٽيون تنھنجون وٽيو رلندو وتان پيو روز شب،
ھجر ھنجون ھاريان پيو اڄ ٻہ تنھنجي شھر ۾

قرب جو توکي قسم، "شوري" تي ڪر شفقت نظر،
تنھنجون يادون ساريان پيو اڄ ٻہ تنھنجي شھر ۾

***

(6آڪٽوبر 2007ع مسڙ وڏي)

وڏ مِنائي کان مِنو نالو مِني جو آ مِنو
ڪيئن ٻلا ٻايان مَنو جو اصل کان آهي مِنو.

خلقيون آهن خدا، چيزون چڱيون ڪيئي مِنيون،
پر مِني جي وڏ مِني، تنهن کان بہ وڏ آهي مِنو.

ڪيئن ڪڙو ٻايان ٻلا، جنهن لئہ سِکان صبح و مسا،
هڪ نظر جيڪر نهاري، هر ڪڙو ٿي پئي مِنو.

وِرد وانگر اِسم اُن جو پيو اُچاريان عُمر پر،
محبتي مذڪور جو لاشڪ لُطف آهي مِنو.

ڪير ٿو چئي؟ ڏور آهي بلڪ اوڏو کان اڪين،
سو سدا سامهون سَندم هُرندڙ هينئين آهي مِنو.

تِر مثل تنهن ۾ خدا خلقي ڪڙائي ڪينڪي،
ها مگر "شورا" سَلوڙائي ۾ شامل آ مِنو.

***

(9مارچ 2010ع مسڙ وڏي)

مون سان ڪريو مدد ڪا، دل جي اٿم تلاش.
هلندي هٿان هٽي ويا، دل جي اٿم تلاش.

هينئڙي جو حادثو هيءَ پُر هولناڪ آ،
ڪلندي ڪسي ڪٽي ويا، دل جي اٿم تلاش.

دلدار ويو ڏتاري ديدار ساڻ دل،
دم دم ملن دلاسا، دل جي اٿم تلاش.

واري وڻڻ جا ور ور وريو ڪيان جتن،
حيلو نہ حُج هلي ڪا، دل جي اٿم تلاش.

سرڪار سونهن آڏو ايندئي سر قلم،
ڪريان بہ ڪهڙي دعويٰ دل جي اٿم تلاس.

دانهيان بہ ڪنهن جي در تي، ڏسيوم ڏاڻءُ ڪو،
"شورا" ڪريو شرع ڪا، دل جي اٿم تلاش.

***

(19 نومبر 2009ع مسڻ وڏي)

اسان جي دل اوهان لاءِ سڪي ٿي يار سالن کان.
ملڻ جي مِهر ڪريو ڪا، ويجون ٿا هاڻ حالن کان.

ڦٽي ڦارون فراقن ڪِيو، هينئون سو هاڻ هنڌ ناهي،
ڏري هٿ دل مٿي دلبر، بچايو جيءَ جنجالن کان.

ڪتيون ڪي چيٽ چاندوڪيون اوهان جي آس ۾ گذريون،
ونيو واڻون ٽو واجهايان، ڪريو وعدو وصالن کان.

وڇوڙي واجهه ڪي واري وڏا هينئڙي کي هيڪاري،
بچان ڪيئن برهه بازيءَ ۾، ڪشوڪش جي ڪشالن کان.

سِڪُن ساڻو ڪيو تن من، نه هِن پاسي نه هُن پاسي،
همت وئي هارجي هيڪر، ڇُرڻ ڇُستي جي ڇالُن کان.

وصل واري ڪجو واهر ته ساڻا سَنڌ من سُڌرن،
دريءَ مان دور ٽئي درشن ته نڪران ڏک ڏيوالن کان.

پنهنجي پَر ۾ پڇيو هوندئي ته ڪهڙي حال ۾ "شورو"،
چيو هوندن چريو هاڻي ويو حالن حوالن کان.

***

(23نومبر 2009ع مسڻ وڏي)

منا منظور مون کي آ، جي ماريندين، جياريندين.
اڙي کهڙي اوهان سان جي اڻاريندين، ويهاريندين.

ڪرڙ نفرت نفر سان، ايءَ مناسب مور ناهي ڪنهن،
آهين بس راض جو راڻو روڙاڻيندين، ڪلاڙيندين.

ذڪر تنهنجو زبان تي ڏا مثل ڪنهن وِرد ورجايون،
مگر مرضي منا تنهنجي وساريندين، اوساريندين.

رهي جو دائما در تي مِثل دربان درباري،
محب اهڙي ملازم کي، ڏڪالينديں، ڏِڪاريندين.

حجت هستي نہ هلندي ڪا حبيبن تي سندي هيڻن،
ٻڏل کي عشق دريا مان، ٻوڙائيندين جي تاريندين.

عمر ۾ التجائن ۾ رهيو بس رات ڏينهن "شورو"،
نوازش جي نظر ڪاري، نهاريندين، نڪاريندين.

***

(7نومبر 2009ع مسڙ وڏي)

ڪو دوا جي آسري ۽ ڪو دعا جي آسري.
مان تہ زنده ٿو رهان بس دلربا جي آسري.

پاڻ ٽئي جيڪر پلو يا ڪو ملي مون تاج تخت،
هٿ ڪٽان هيڪر سپن تان هڪ "ادا" جي آسري.

راڄ ۾ ڪيئي رهاڻيون روز پيون رچنديون رهن،
مجلسن کان مُنهن ڦيريم مَهه لقا جي آسري.

ڪي سياسي يا سماجي پارٽيون پيئيون سُجهن،
جي پليا منجهه پرت نگري سي "پيا" جي آسري.

ڪوئي ڪنهن جو پرجهلو ۽ ڪو اجهو ڏار ڪنهن،
پيو پريتون پاڻيان وعدي وفا جي آسري.

ڪنهن شفا خانه ۾ ڪونهي شوق وارن لئہ شفا،
ٿو رهي شب روز "شورو" هِن شفا جي آسري.

***

(18نومبر 2009ع مسڙ وڏي)

دلربا دلدار دلبر، آهي بي شڪ بي نظير.
سونهن جو سردار سرور، آهي بي شڪ بي نظير.

ڪيئن نہ ڪريان ناز توتي حُسن کي پي ناز آ،
وئين کڻي تون "ناز نمبر"، آهي بيشڪ بي نظير.

چند سان پيٽيان بہ ڪيئن؟ جو آهہ چهرو چيز اور،
حُسن ۾ ٽئي ڪين همسر، آهي بيشڪ بي نظير.

ڇڻ تہ ڪوئل جي ڳوڙتا، ٻول منڙا محب جا،
وڏ منا ماڪيءَ ڪان ويتر، آهي بيشڪ بي نظير.

ٿور جنهن سان ٿو ٽِلي، تان مور پيا شرمائجن،
ڪيئن ٻلا ڪو ٿئي برابر، آهي بيشڪ بي نظير.

پَٽ پشم ڇا گل گلابي ڪان بہ نازڪ نازنين،
خوب خوشبوءِ ۾ بہ خودسر، آهي بيشڪ بي نظير.

دل دعائون پئي گهريون ڪو وصل جو وارو وري،
سي اگهايون پاڪ پروڙ، آهي بيشڪ بي نظير.

اڄ سيان آيا ڪي آيا، هير هوڪو ڏيئي هلي،
سچ ٿيو ثابت سراسر، آهي بيشڪ بي نظير.

شان "شوري" جو وڏي جي اڄ اچين منهنجي اڱڻ،
غم لهي، ٿيان خوب خوشتر، آهي بي شڪ بي نظير.

***

(24فيبروري 2010ع مسڙ وڏي)

هم جنس هڪ جيڏن ۾، تون بي نظير آهين!
تنهنجو نظير ڪونهي، تون بي نظير آهين!!

مُلهه مُرڪ جو گَٽيان ڪِيئن؟ آهي عجب اَملهه سا،
دل جي دنيا جو دلبر ماه مُنير آهين.

نيٽن نهوڑيو ويتر، تهڪن وڌا تاڪوڙا،
اهڙو امير ڪونهي، جهڙو امير آهين.

هلڻي ڏسي حبيبن، مورن کي مَرَم ماريو،
ڪو ڪيئن چوي چوي پل، منهنجو ته ميرآهين!

محبوب جي ملڻ سان ڪرڪار ۾ سڙي ويا،
سڙندا رهن سدائين، تن لاءِ تير آهين.

ڪر کي چيوم ڪولي، سنسار پل سُٽي پيو،
"تنهنجو ضمير ڪونهي، تون بي ضمير آهين!"

جيئري نه ڪر جدائي، تو بِن ٿگي نه سگهبو،
آهين سندم سهارو، سهڻا سرير آهين.

ميلا مِٽي سان آهن، "شورو" ڪري شڪر پيو،
قائم رهي ڪچهري، قربن ڪثير آهين.

***

(29نومبر 2010ع مسڻ وڌي)

هڪ نظر مون ڏي ڏسڻ سان تو وڏو ٿورو ڪيو،
گهور ڏيئي گهونگهٽ هٽڻ سان تو وڏو ٿورو ڪيو.

ڪين جهڙي مون ڪريل سان ڪرم ڏس ڪيڏو ٿيو،
پيار ڏيئي پنهنجو ڪرڻ سان تو وڏو ٿورو ڪيو.

پئي ٽڙيس تنهائي تنها پرت جي منجهه پيچري،
تنهن رليل کي راهه ڏسڻ سان تو وڏو ٿورو ڪيو.

ويا لڳي پهرا جڏهن منهنجي نظر تي پوءِ به تو،
اک اشاري ۾ سلڻ سان تو وڏو ٿورو ڪيو.

دربدر هو جو ڏڪاريل ديس ۾ پرديس ۾،
نينهن جو ناتو نيائڻ سان تو وڏو ٿورو ڪيو.

شفقتون "شوري" مٿان آهين بي حد بي شمار،
پر اڳڻ تي پير پائڻ سان تو وڏو ٿورو ڪيو.

***

(1جولاءِ 2010ع مسڻ وڏي)

جي نہ ملندين جيءَ جيارا، عيد اکڙيون ڪيئن ڪنديون؟
عيد اکڙيون ڪيئن ڪنديون، اڄ ديد اکڙيون ڪيئن ڪنديون؟

هر طرف ماڻهن ۾ خوشيون ۽ خريداريون ڏسان،
جي نہ ملندين تون پيارا، عيد اکڙيون ڪيئن ڪنديون؟

پلنگ پئي پئي ٽيا پراڻا، ڪيهه ڪٽن تي تو بنان،
اڄ سگهو ساجهر سوارا، عيد اکڙيون ڪيئن ڪنديون.

روح پيو ريهون ڪري، ٿو رند وٽيو روئان رڙان،
ٽا ٻرن ٻارڻ ٻپهرا، عيد اکڙيون ڪيئن ڪنديون.

اڄ ملي وڃ عيد جاني، ٽئي متان "شورو" شهيد،
عشق جا اڏما، اُلارا، عيد اکڙيون ڪيئن ڪنديون.

***

(31 اگسٽ 2011ع مسڙ وڏي بموقع عيد الفطر 1 شوال 1432هـ)

عقل اُمالڪ ويو اڏامي، عشق جڏهن کان ٽيو هَسوار،
شوق جي شينهن بهادر کان ڪئي فهم فراست راهه فرار.

باب برهه جا پڙهندي پئون ست، ڏاهپ جا ويا ڏس وسري،
سڪ صبر ساڃاهه وئي سڀ، مَت شرم تي پيئي مار.

مام مجازي مست بنائي، عهد الستي آ ورجايو،
عابد زاهد مُلا قاضي! مون تي ڇوٽا ڪريو ميار.

روڪڙ جي ٿو چاهين ناصح! حسن جي جلون کي تون روڪ،
عشق آهي مجبور اصل کان، ڇو ٿو ڪائين اُن تي کار.

برهه جي بازي جان جو جوکو ڪير ڪٽي؟ ڪو هارائي؟
ٻاراڙو هي کيل نه آهي، وِرهه وارا سڀ وهم وسار.

عشق سراسر مدهوشي آ، عُذر اهو ئي معذوري آ،
قلم خدائي ڪين ڪري ٿو، معذورن تي ڪائي ميار.

شرع کان "شورو" ٻاهر ناهي، مدهوشي ۾ معافي آهي،
ڪافر مُشرڪ تنهن کي ڪوڻي، مفتي ڇو ٿو ٿئي خوار.

***

(21فيبروري 2011ع)

دل جو ويرانو نہ ٿئي، دلبر سوا آباد شاد.
هٿ هجي هٿ ۾ حبيبن، تان ٿئي دل شاد شاد.

سڪ سجڻ جي ساهه منهنجو آ صفا سوگهو ڪيو.
گهُٽ اندر گهُٽجي متان ٿيان بي سبب برباد باد.

طلب تنهنجي آهه تڙپايو طبيبا موٽ تون،!!
جي پُڇڻ پيارا اچين، پڪ ٿي پوي ناشاد، شاد

.

دربدر دلدار تو لئہ ڳوٽ توڙي شهر ۾،
گس گهٽيون گهر گام ٽنڈو، ميرپور، حيدرآباد.

پيا رهون ٻئي ڳوٽ ۾ گڏ، پوءِ به آهيون ڏار ڇو؟
قيد ۾ قابو گذاريان، تون گهمين آزاد زاد.

پيار جي هن پوک پويان ٻئي ڦِري ماڪڙ مُني،
دل دعاگو آهه دائم، عشق هوئي آباد باد.

شوق "شوري" کي ڪيو آ رِڙ جو راهي رُڄ اندر،
اُڄ عجيبن جي سبب کان، پيو ڪري فرياد ياد.

***

(22نومبر 2012ع مسڙ وڏي)

غير سنڌي غزلن جو منظوم سنڌي ترجمو

هڪ چهرو جو چشم خواب ۾ هو.
عڪس اُن جو هر هڪ گلاب ۾ هو.

سڪ جا سپنا هئا ان جي اکين ۾،
ڏک تہ سارو منهنجي حساب ۾ هو.

ساڻي بہ پنهنجي بي رُخي کانپوءِ،
مبتلا خود بہ هڪ عذاب ۾ هو.

هڪ فسانو جنهن کي چون ٿا چاهت،
نامڪمل هر هڪ ڪتاب ۾ هو.

نشو جو هُن جي اکين ۾ هو "شورا"،
سو پيلا ڪڏهن ڪنهن شراب ۾ هو؟!

***

(18اپريل 1984ع ڳوٺ سومرو لغاري لڳ سريوال)

زخم دل بنجي تہ ڏس، خون جگر بنجي تہ ڏس.
ڪنهن اڪيلي جو پلا تون همسفر بنجي تہ ڏس.

ٿي سگهي تان رات هڪڙي ڪنهن جي راحت لاءِ تون،
ساز دل بنجي تہ ڏس، تارِ نظر بنجي تہ ڏس.

شمع پروانہ جي اُلفت پاڻ پهرين تون پروڙ،
پوءِ محفل ۾ وڃي خود بااثر بنجي تہ ڏس.

جو ايا طوفان، ساحل کان نہ آهي آشنا،
پاڻ ان جي زندگي جو بحر و بر بنجي تہ ڏس.

ناهہ ٻيو الفت سَندو تعبير ڪو هن ڪانسواءِ،
دوستن جو باوفا ٿي عمر ۾ر بنجي تہ ڏس.

جي گهريئي جلوا جواني جا مگر سي ويئي ملي،
هاڻ ڪنهن جي دل ڏٽيل جو چاره گر بنجي تہ ڏس.

هو رُنا هئا رات ساري، ماڻ ۾ جيئن ماڪ روئي،
پنهنجي يادن ساڻ ڪنهن جي چشم تر بنجي تہ ڏس.

ڪوئي ڳائي ٿو غزل هر رات چانڊوڪي اندر،
پاڻ اُن جي واسطي رشڪ قمر بنجي تہ ڏس.

پوءِ ڪنهن جي "پاڪ آشا" کي ڪجان روشن مگر،
پهرين "شورا" پاڻ خود پنهنجي سحر بنجي تہ ڏس.

***

(8مئي 1985ع ڳوٺ سومرو لغاري)

اکين ۾ چند لڙڪ لڪائي ڪٽي تون هل،
هن موتين کي شهر کان ٻاهر ڪٽي تون هل.

هر هر ديار گل ٿو آواز ڏئي اسان کي،
انهي گليءَ مان خاڪ جو پيڪر ڪٽي تون هل.

هن ترڪ ميڪشي جي هجي ڪائي يادگار،
ٽوڙيو آ جنهن کي تو ته سو ساغر ڪٽي تون هل.

نذرانءِ وفا آ نمائش کان بي نياز،
ناهي ملڻ گلن جو، پٿر ڪٽي تون هل.

هن بيوسي جي شام جو ڪجهه سير ئي سهي،
پاڻيهي پنهنجو پاڻ سر محشر ڪٽي تون هل.

ڪونهي ڪُڇڙ جي "شورا" ڪائي ڪٿي گهٽي،
هن انجمن مان حرف مڪرر ڪٽي تون هل.

***

(9مئي 1985ع ڳوٺ سومرو لغاري)

رهيو وڃ جي وڪڙ ۾ آهي، منهنجو آشيان ورهين.
ونڊي پيو گردشِ دوران منهنجو امتحان ورهين.

عتاب دشمنان ورهين، جفاءِ دوستان ورهين،
گهٽا سهندي رهي صدما هي جانِ ناتوان ورهين.

جنهن کي سمجهيو چمن وارن هو پنهنجو پاسبان ورهين،
انهي ظالم لٽيو آهي سُکونِ قلب و جان ورهين.

ايا پي شمع محفل بي خبر آ، هن حقيقت کان،
تہ پروانہ جي ڪيريءَ مان اُٽن شايد دونهان ورهين.

سحر بي نور، شب تاريڪ، نقشِ راه ناپيدا،
وتن ڪي پٽڪندا اونداهين ۾ ڪاروان ورهين.

گلستانِ تمنا جو تہ مقدر پي ڏسو ياروا
بهارون چند گهڙين لئہ، وري عهدِ خزان ورهين.

ستم پيشہ زمانہ ۾ بہ سرِ دلبران "شورا"
ٻڌايو ٽئون بانداز حديث ديگران ورهين.

***

(27 مئي 1984ع ڳوٺ سومرو لغاري سريوال)

رات ڏينهن حوا جي ڏيئر جي حيا نيلام ڏس.
واٽ هر ڪنهن تي زليخا جي وفا نيلام ڏس.

ڪن ڳلن ڳاڙهين متان ٿهڪن سندا گرد و غبار،
لالہ و گل جي لباسن ۾ حيا نيلام ڏس.

هڪ طرف زهره بدن موڙي گرون آهن اُٽيون،
ٻئي طرف صوفي ۽ مُلا جي قبا نيلام ڏس.

زاوين تي زاويا ڪِيا رقص ۾ زهره جبين،
اڀ ٽڙيل مڪڙين سندي هت هر صدا نيلام ڏس.

هن طرف آ جامع مسجد ۾ بانگ حي عل،
هُن طرف بازار ۾ خوف خدا نيلام ڏس.

حسن اڳيان عشق جا آهين "خادم" کيل گئين،
عاشقن جي دل سچي سان هر دعا نيلام ڏس.

شعر "شوري" جو پڙهن ٿا شوق وارا شوق سان،
پر قدر ڪونهي ڪٽي سو اڄ صفا نيلام ڏس.

***

(12آگسٽ 1984ع ڳوٺ ڏل شورو ميرپور ساڪرو)

باغ باقي آهي باغبان نہ رهيو.
پنهنجي گلشن جو پاسبان نہ رهيو.

تنهنجا مشتاق پلا وڃن ڪيڏانهن،
جو ڪوئي سنگ آستان نہ رهيو.

آهي ڏاڇي اجا ليلئ جي روان،
هونگار وارو سو ساربان نہ رهيو.

قافلو تہ رهي ڇو هلندو مگر،
هاءِ! اُهو مير ڪاروان نہ رهيو.

روح زنده آ مرد مومن جو،
پر جو هت هو اڳي سو عيان نہ رهيو.

هيءَ نصيحت بجا آهي "شورا" پر،
ڪيئن ٻُڌان جو قرار جان نہ رهيو.

***

(8سيپٹمبر 1984ع مسڙ وڏي)

چنڊ نڪري ايندو اعتبار ٿي ڪر،
روشني ۾ ٿيندي انتظار ٿي ڪر.

عشق ساڻ سونهي ٿي هر جيون،
دل لڳائي هي ڪاروبار ٿي ڪر.

ڳڻ ريس مٿئي آسمان وارا،
صحرا کي سگهو ائين پار ٿي ڪر.

آهين جي رياضيءَ جو ڄاڻو،
منهنجا ۾ زخم هي شمار ٿي ڪر.

سوز آواز جو سهڻو سنگم،
عشق مذهب پلا اختيار ٿي ڪر.

آهي پيار ڪرڻ جي جرم هتي،
اهڙي "شورا" خطا بار بار ٿي ڪر.

***

(17سيپٽمبر 1984ع ڳوٺ سومرو لغاري سريوال)

آئون ڇو چوان تہ هتان ۽ هتان کان پيئان ٿو.
همیشہ آئون تہ تنهنجي نظر مان پيئان ٿو.

چانڊاڻ جا وکري وئي دل جي اڳڻ ۾،
چنڊ رات ۾ آئون رشڪ قمر مان پيئان ٿو.

ڪڏهن جي يار جي يادن جو ڪجهہ خمار لٿو،
گهرائي گهرائي آئون باد سحر کان پيئان ٿو.

شبِ فراق ۾ مون کي جا غنودگي آئي،
ترش تلخين سان ڀڏل نيشتر مان پيئان ٿو.

زمانہ وارن کي هن جي خبر ناهي شايد،
دوا جي آڙ ۾ آئون چاره گر کان پيئان ٿو.

اهي رند آهن جو ميڪده مان پيئن ٿا،
جنهن کي سليقو آ اهڙي بشر کان پيئان ٿو.

اي دوست! "شوري" جي ميڪشي تي ايترو تہ نہ جل،
سوال توکان آهي تہ ڇا؟ تنهنجي گهر مان پيئان ٿو.

***

(30نومبر 1984ع ڳوٺ سومرو لغاري سريوال)

ڪوليو نہ دوستو! لبِ اظهار ماڻ ماڻ.
ڪسجي وئي آ جرئتِ گفتار ماڻ ماڻ.

هو ٿا چون تہ اِذنِ تڪلم ايا نہ آ،
روڪي نہ سگهبي وقت جي رفتار ماڻ ماڻ.

سقراطِ وقت آهين تہ پيءَ زهر ماڻ جو،
منصور آهين؟ ڪر نہ سرِ دار ماڻ ماڻ.

هن دؤر بي قدر ۾ يوسف نہ آهہ ڪو،
سوني سڃي آ مصر جي بازار ماڻ ماڻ.

"شورا" چيو هو ڪنهن شيشہ گرن کي هيئن،
ٻڌندي شڪست جام جي جهنڪار ماڻ ماڻ.

***

(3ڊسمبر 1984ع مسڙ وڏي)

توهان سان مشورو ضروري آ،
ورنہ جيئڻ جي ڳالهہ اڌوري آ.

ڪلي ٿو لوڪ ميخوارن تي ڇو؟
اهو بہ اظهار بي شعوري آ.

ستارن سان دل بہ وندري پئي،
هاڻي حضوري جو رنگ دوري آ.

دل جي ڪسجڻ جو ايترو افسوس،
اي منهنجا دوست! ڇا ضروري آ.

خبر ناهي "شورا" اسان ڇا آهيون؟
ڪوئي خاڪي آهي تہ ڪوئي نوري آ.

***

(5 ڊسمبر 1984ع مسڙ وڌي)

بحر بر کي ڳولجي شمس و قمر کي ڳولجي.
پر انهي کان اڳيرو دل جي ننگر کي ڳولجي.

آرڙ جي زهرن سندو تریاق آ جنهن جو لُعاب،
زندگي جي راهه ۾ اهڙي بشر کي ڳولجي.

منزلِ مقصود تي هر شيءِ ميسر آ مگر،
ڪاروان لاءِ قوي ڪنهن راهبر کي ڳولجي.

ٿيو منهنجو اعزاز آ، توهين رسوائي رڳو،
تنهنجي در جي شام ملنديئي سحر کي ڳولجي.

ٿيو جڏهن کان درد خود دل جو معالج دوستو!
دوستن آ فرض پاڻيو چاره گر کي ڳولجي.

چشم دنيا ۾ تماشو آهين تون "شورا" بڻيو،
تنهنڪري ئي پنهنجي در کي پنهنجي گهر کي ڳولجي.

***

(17 ڊسمبر 1984ع مسڙ وڏي)

رات هن ڪي به خواب ۾ ڏٺم.
جنهن ڪي هر دم حجاب ۾ ڏٺم.

ان ڪي ڏسڻ لئه چنڊ ٻي آيو
اهڙي شهرت نقاب ۾ ڏٺم.

ڏسنديئي سپ ڪي ويو وسري،
زندگي ڪي اضطراب ۾ ڏٺم.

آئون ته گم ٿيس خوابن ۾ اهڙو،
جو خواب جي خواب ڪي خواب ۾ ڏٺم.

ايڏا به خمار اٿم هن جي يادن جو
اهڙو نشو نه ڪنهن شراب ۾ ڏٺم.

توهان ڪي ٻڌائي ڪيئن "شورو"
ته مون ڇا ڇا شباب ۾ ڏٺم.

***

(4جنوري 1985ع مسڻ وڏي)

ڪِرٽن کي آفتاب بنائي رهيو آهيان.
انڌن ۾ شمع فڪر جلائي رهيو آهيان.

لکندو رهيو آن مهرو وفا جون حڪايتون،
افسانءِ حيات ٻڌائي رهيو آهيان.

چوندو رهيو آن گردش دوران جو داستان،
ويتر ئي پنهنجو پاڻ گهٽائي رهيو آهيان.

ناهي اُميد ڪڏهن مون کي انهن ۾ ڪا،
جن دوستن جو درد ونڊائي رهيو آهيان.

هن ڪشمڪش ۾ ايندين رهن ٿيون آفتون،
يارانِ همنشين کي سڏائي رهيو آهيان.

دل ۾ تڙپ، اکين ۾ لڙڪ، چپن تي آهِ،
هونئن به دعا لئه هٿڙا کڻائي رهيو آهيان.

ارباب اقتدار جي شاهانه ٺاٽ کي،
آهُن جي ٽوڪرن سان اُڏائي رهيو آهيان.

هن قوم جي افراد کي "شورا" سدائين مان،
تن بزدلن کي مرد بنائي رهيو آهيان.

***

(8 جنوري 1985ع ڳوٺ سومرو لغاري سريوال)

آزمايل کي وري آزمائي نہ سگھياسون.
نئين زخم سندو سور سڌائي نہ سگھياسون.

اکيون ئي اکين کان تہ پُڇڙ لڳيون ليکن،
دل جو حال اسان توکي سڌائي نہ سگھياسون.

ساري عمر آس هئي، اڳُڙ اچين مون،
تون جي ملئين تہ پوءِ مسڪرائي نہ سگھياسون.

سُکن جي ستڻ ۾ ويا سال لنگهي ڳئين،
مگر پاڻ کي ڪو بار ڪٺائي نہ سگھياسون.

خواب هو يا سوچون هيون يا صرف خيال،
اڄ تائين اسان جنهن کي پُلائي نہ سگھياسون.

باغن جي هيڏين ٽارين تي اُهي گل،
ڇا ڪنهن نہ ڏٺا؟ جن کي تڙائي نہ سگھياسون.

جيئن بہ گذري، گذاري سون اي "شورا"
ڇا ٿيو جي پنهنجو پاڻ ڪلائي نہ سگھياسون.

***

(9 جنوري 1985ع ڳوٺ سومرو لغاري سريوال)

ستارن ۾ تون آن، بهارن ۾ تون آن،
وفا جي دنيا جي نظارن ۾ تون آن.

ڪريان غم جي تهذيب جي ڇا لئہ شهرت،
منهنجي دل جي بس رازدارن ۾ تون آن.

ستمگر ستم ٿو ڪري هر قدم تي،
آهي ڪو بہ جي غمگسارن ۾ تون آن.

منهنجي ڳالهہ سمجهين ها اي دوست ڪاش!
ڪنايون ۾ تون آن، اشارن ۾ تون آن.

منهنجي عشق مان هي تہ واضح ٿيو آ،
تہ جڳ جي حسن ماهپارن ۾ تون آن.

زبان تي آ جو نانءِ هردم توهان جو،
منهنجي سوچ جي تيز ڌارن ۾ تون آن.

تڏهن تان ٿيو مطمئن آهہ "شورو"،
فقط هڪ پياروِ پيارن ۾ تون آن.

***

(30 جنوري 1985ع مسڙ وڏي)

هميشہ رهيون آهن توکي شڪايتون ڪيئي.
ايا تہ ڪرٽيون آهن توسان حڪايتون ڪيئي.

تنهنجي وصال جي خواهش تہ صرف خواهش هئي،
طلب جي راهہ ۾ آيون قباحتون ڪيئي.

زندگي مسلسل سفر آهي جاري،
جيون ۾ آهن هر طرف مسافتون ڪيئي.

دمِ وصال هئي دل جي ڏڙڪن عجب ليکن،
توهان جون هيون مون تي عنايتون ڪيئي.

هتي ڪنهن کي بہ ٻڌڻ جو حوصلو ناهي،
اسان جي دل ۾ ٽيون برپا قيامتون ڪيئي.

ڏکن جو بوجھ، "شورا" شڪست، محرومي،
اسان جي حصي ۾ آيون وراثتون ڪيئي.

***

(6 جنوري 1985ع مسڙ وڏي)

دل منهنجي دنيا کان ڇو بيزار آ.
هر ڪلي منهنجي نظر ۾ خار آ.

بي تعلق مان زماني کان آهيان،
ڇو زمانو در پئي آزار آ.

بي وفا جي ڇو ڪجي هر دم تلاش،
ڇو پريشان منهنجي دل خوددار آ.

ياد ڪنهن جي اوچتو تڙپايو،
ساهه مون کي ٿيو ڪٺڻ دشوار آ.

دل جي اکين ساڻ "شورا" تون به ڏس،
ذرو ذرو عالم اسرار آ.

***

(9 جنوري 1985ع مسڙ وڏي)

مون کي حياتي ملندي، قاتل قضا کانپوءِ،
ٿي ابتدا اسان جي تنهنجي انتها کانپوءِ.

لذت نہ ٿيندي حاصل ڪا عشق ۾ ايا،
ايندو آ لطف جرمِ تمنا سزا کانپوءِ.

توسان مقابلي جي طاقت نہ آهي ڪنهن،
منهنجو لهو بہ لال آ تنهنجي حنا کانپوءِ.

غيرن تي لطف آهي مون تي نہ ٿي مهر ڪا،
اهڙو سلوڪ ٿيو آ عذرِ حيا کانپوءِ

.

ممڪن آ دانهن درد جي رُڪجي وڃي مگر،
مون تي وفا جي آهي تقاضا جفا کانپوءِ

.

او تون عنايتن جون مون تي رهن مدام،
ڳولي نہ سگهبو ڪوئي سهارو خدا کانپوءِ.

آسُن جي شهر ۾ اڄ "شورا" نہ ٿي لڄي،
هَل مِن مزيد چئي ٿي رحمت دعا کانپوءِ.

***

(14 جولاءِ 1985ع مسڙ وڏي)

بلبل آ گسلتان ۾ پروانو انجمن ۾.
هرڪو تہ ٿيو ٽڪاٽي، ناهيون اسان وطن ۾.

صياد باغبان سان ڪڏهن نہ ٿيس ڪڙو،
جهڙو رهيس قفص ۾ تهڙو رهيس چمن ۾.

آڪاش جي پلئہ کي تارن سان ڪهڙي نسبت،
آهن چتيون چتين تي منهنجي بہ پير هن ۾.

هاڻوڪا ۽ اڳوڻا احباب مختلف ڏس،
ايڏو فرق آ جيڏو رهبر ۽ راهزن ۾.

اي باغبان توکي هوندي اها خبر،
آيس جڏهن چمن ۾ ڪجهہ ڪين هو چمن ۾.

سوني سڃي آ محفل، محفل ۾ تون بہ وڃ،
ايندا بنان شمع ڪيئن پروانا انجمن ۾.

ديدار آخري تي "شورا" اهي رُنا،
آين وفائون ياد مُنهڙو ڏسي ڪفن ۾.

***

(10 فيبروري 1986ع هاءِ اسڪول نمبر ون ٽندو جام)

نہ ٿو اچي ڪوئي، نہ اچي خطادار جي در تي.
رحمتون ڊوڙنديون ايندیون گنهگار جي در تي.

آئون ميان ٿو تہ تهي دست عمل آهيان ليڪن،
سؤ بهانا منهنجي بخشش جا آهن غفار جي در تي.

هن کي حسن جو نشو، هن کي جواني جو خمار،
عجب نمونہ سان آهي ميخوار ٻئي ميخوار جي در تي.

ڪنڊ ڪپين تہ ڪپي وڃ، گلو گهٽين تہ گهٽي وڃ پر،
قيد بلبل کي نہ ڪر تون ڪنهن گلزار جي در تي.

سکيو رهي يا ڏکيو رهي جيئن بہ رهي،
زندگي ساري گذري سندم دلدار جي در تي.

منين ڳالهين تي نہ لڳجان جو سراسر آ دوکو،
ڪجهہ ناهہ حرص وهوس کانسواءِ اغيار جي در تي.

نااميدي کي "شورا" ڪڏهن بہ نہ وچ ويجهو،
کوڙ ڪنهن ڳالهہ جي آ قادر و مختار جي درتي.

***

(11 جنوري 1985ع ڳوٺ سومرو لغاري سريوال)

چمن ڪي مالهيءَ لٽيو ٻہ آهي.
اهو مون تماشو ڏٺو ٻہ آهي.

تنهنجو مشورو آ بجا ليڪن،
ڪير ٿو ٻُڌي جي مون چيو ٻہ آهي.

ماڻهو ماڻهوءَ کان ڊنل آهي،
ماڻهن ڪڏهن هي سوچو ٻہ آهي؟

ڪا خبر به اٽئو قافلي وارؤ!؟
آرڙ جو چاليهو ڏکيو رستو به آهي.

جنهن جي ڪارڙ هي ڏينهن ڏسڻا پيا،
مون کان ناراض آ، سو جو پنهنجو به آهي.

آهن ارادا تنهنجا بلند ليکن،
دُور ٽيندو؟ هيءَ جو انڌيرو به آهي!

ڪجهه ضرورت به آهي اٽڪل جي،
منهنجي دؤر جو هيءَ رايو به آهي.

هن جي محفل ۾ نه هئاسون پر،
ڪجهه ته ٽيو هوندو؟ اسان جو چرچو به آهي.

همسفر ڪير ٽئي منهنجو "شورا"،
هڪ ته مجنون جو قدم ٻيو ته پونو به آهي.

***

(14 جنوري 1985ع ڳوٺ سومرو لغاري)

.ستارن ۾ تون آن، بهارن ۾ تون آن،
وفا جي دنيا جي نظارن ۾ تون آن.

ڪريان غم جي تهذيب جي ڇا لئ شهرت،
منهنجي دل جي بس رازدارن ۾ تون آن.

ستمگر ستم ٿو ڪري هر قدم تي،
آهي ڪو به جي غمگسارن ۾ تون آن.

منهنجي ڳالهه سمجهين ها اي دوست ڪاش!
ڪناين ۾ تون آن، اشارن ۾ تون آن.

منهنجي عشق مان هي ته واضح ٿيو آ،
ته جڳ جي حسن ماهپارن ۾ تون آن.

زبان تي آ جو نانء هردم توهان جو،
منهنجي سوچ جي تيز ڌارن ۾ تون آن.

تڏهن تان ٿيو مطمئن آهه "شورو"،
فقط هڪ پيارو پيارن ۾ تون آن.

***

(30 جنوري 1985ع مسڙ وڏي)

چنڊ چهرو نيٺ نرگس، جسم مرمر جي مثل.
پيا گهڙيندا تنهنجي مورت ڪيئي آزر جي مثل.

هڪ ٽٽل پَن آهيان ٽاريءَ سندو ليڪن ايا،
ٿيون اٽن لهريون منهنجي دل ۾ سمندر جي مثل.

شام تنهائي وري وئي تان ٿيون بستيون اُداس،
هر گهٽي سنسان آهي اجڙيل گهر جي مثل.

ڏک ٿيو محسوس دل کي، رت اکڙين ٿي رُنو،
مون جڏهن ان کي ڏٺو خاموش پٿر جي مثل.

پنهنجي دامن ۾ سنياليو مون رکيا محبت جا گل،
دل ۾ چُڀيندا ٿا وڃن اڄ سي ئي نشتر جي مثل.

رنگ ٻُو جي انجمن "شورا" آهي مثل چمن،
ٿيون ٽرن اکڙيون ڏسي، سر سبز منظر جي مثل.

***

(7 جنوري 1985ع مسٽ وڏي)

هي جذبو موسمي شبنم نہ آهي.
محبت جي تہ ڪا موسم نہ آهي.

فقط پٿر جو ٽڪرو آهي دل سان،
جنهن جي اندر ڪنهين جو غم نہ آهي.

ڪجي پنهنجي عقل ۽ هوش سان ڪم،
حياتي جو ذڪر مبهم نہ آهي.

فرشتن ٿي ڪيا سجدا جنهين کي،
هي آدم، ڇا اهو آدم نہ آهي؟

منهنجي سِر لاءِ هي قاسيون ۽ قاها،
منهنجو سر پوءِ بہ ڇا لئہ خم نہ آهي.

سيئي وڇڙي ويا پنهنجا پراوا،
ڪوئي رشتو هتي محڪم نہ آهي.

مسلسل گرب ۾ پي مُرڪ جاري،
هي "شورا" حوصلو ڪجهہ ڪم نہ آهي.

***

(25 نومبر 1985ع مسڙ وڏي)

حال اهڙو آهه ٿيو ان بزم عشرت ڪانسواءِ،
حال هو جو حضرت آدم جو جنت ڪانسواءِ.
وصل جي اميد آ بيڪار فرقت ڪانسواءِ،
ڪو نه ڪنهن راحت لڏي آهي مصيبت ڪانسواءِ.

مون شڪايت ڪئي ستم جي تو ڪيو انڪار هو،
فيصلو پنهنجو اهو ٿيندو نه قيامت ڪانسواءِ.
ڏي دعائون يا دوائون آس وندا آهيون،
حسن جي شهرت نه ٿيندي آهه محبت ڪانسواءِ.

آهي ناصح جوبجا ارشاد، گستاخي معاف،
پاڻ سمجهائي ته ٿو ليڪن محبت ڪانسواءِ.
پنهنجي دل ۾ تير تنهنجو مون هي سمجهي آ رکيو،
ڪا به شيءِ قائم نه رهندي آ حفاظت ڪانسواءِ.

آئون اڄ غيرن جا طعنا پيو ٻُڌان پرڇا ڪيان،
ڇو جو آيس تنهنجي محفل ۾ اجازت ڪانسواءِ.
ناشناسن کي نه آ "شورا" خبر ڪا درد جي،
ڪو به تڙپي ڪونه اُٿندو آ اذيت ڪانسواءِ.

***

(15 جنوري 1986ع مسڙ وڏي)

تعارف

نالو: مولوي محمد يامين شورو
ادبي نالو: "خادم سنڌي" مسٹائي/ابو فهيم شورو
پيءُ جو نالو: مولوي عبدالرحمان شورو مرحوم (وفات 95ع)
ڄمڻ جو تاريخ ۽ هنڌ 12_اپريل 1959ع ڳوٺ مسڻ وڏي
تعليم: (الف مئٽرڪ: سيڪنڊري بورڊ حيدرآباد
(ب) درس نظاميه: مدرسه دالهدي مسڻ وڏي
(ج) سنڌ الفراغ: مدرسه مفتاح العلوم حيدرآباد
(د) شهادة عالميه (بين الاقوامي سطح جي ڊگري) وفاق المدارس العربيه پاڪستان.
(هه) مولوي فاضل فارسي: سيڪنڊري بورڊ حيدرآباد.
(و) منشي فاضل فارسي: سيڪنڊري بورڊ حيدرآباد.
(ز) اورينٽيل ٽيچرس ٽريننگ سرٽيفڪيٽ: ٽريننگ ڪاليج (مردن لاءِ) حيدرآباد.
(ح) ايم_اي عربي: سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد.
ادبي ڪاوش: (الف): نظر ۽ نثر جا مجموعا:
شاعريءَ جا مختلف ڇپيل مجموعا هينين ريت آهن.

1. اداس ريڪائون (مجموعو غزل)
2. وکريل موتي (متفرق نظمن جو مجموعو)
3. لاهوتي لڏي ويا (مرثين جو مجموعو)
4. لڙڪ لکڻ نہ ڏين (ڪافين جو مجموعو)

(ب) نثري مجمو

1. دانهون منهنجي ديس جون: (چونڊ مضمون)
2. گهڙيون گهاريم جن سان (سوانحي خاڪا)
3. ڪاماري شريف جا قريشي بيگ (تاريخي ۽ تحقيق مقالو)

(ج) ترجما ڪيل ڪتاب:

1. احسن القصص (سنڌي ترجمو تفسير الجمال والڪمال)
2. ڪمالات نبوي (سنڌي ترجمو خطابت مدارس_اردو)

1. تصوير جو شرعي حڪم (سنڌي جو ترجمو: تصوير کا شرعي حڪم، مضمون: سيد سليمان ندوي)
2. بنا الاسلام (عربي ۾ ترجمو ڪتاب تعليم السلام 2 حصا)
3. _____
4. مضمون نويسي (الف) عربي مضمون:
5. نِدَاءُ لِلامةَ (امت کي سڏ) عربي رسالي "العرب" ۾ ڇپيل
6. مكانةُ الا مَر في الاسلام (ماءُ جي عظمت اسلام جي نظر ۾)
7. التنبي وشي من حياية وا اشعاره (عرب شاعر متنبي سندس زندگي ۽ ڪلام)
8. صمراخة المسلمين اهل السند (سنڌي مسلمانن جي پُڪار)
9. هل تستطيعون لصرة المستضعفين؟ (ڇا توهان هيٺن جي مدد ڪري سگهو ٿا؟)

(ب) سنڌي/عربي مضمون ۽ مقالا: (تعداد)

مذهبي، سماجي، ادبي، اصلاحي، تاريخي، اخلاقي، موضوعن، ملڪي ۽ قومي سياست جهڙن عنوان بابت ڇپيل مضمون ۽ مقالا، جن جو شمار 200 ۽ سو جي لڳ ڀڳ آهي.

جن اخبارن ۽ رسالن ۾ مذڪوره مواد ڇپيل آهي تن مان ڪن جا نالا هي آهن.

(الف) ماهوار شريعت_سکر (ب) ماهوار الصادق_ڪراچي
(ج) ماهوار آزاد_ڪراچي (د) هفتيوار آواز—سنڌ دادو
(هـ) ماهوار پيغام (و) ماهوار الفاروق_ڪراچي
(ز) ماهوار مهاڏو_ ڪراچي (ح) روزانہ هلال پاڪستان_ڪراچي
(ط) روزانہ عبرت_حيدرآباد (ي) روزانہ آفتاب_ حيدرآباد
(ڪ) ۽ ماهي "العرب"_ ڪراچي (عربي ميگزين)
(ل) ماهوار الحرس الوطني_ (عربي رسالو) رياض. سعودي عرب
(م) هفتيوار الشرق (سياسي ۽ سماجي عربي رسالو) رياض. سعودي عرب
(ن) هفتيوار سيد تي (گهريلو عربي رسالو) جده سعودي عرب.

_____


مشغوليون ۽ خدمتون:
(الف) سيڪنڊري اسڪول ۾ عربي ۽ اسلاميات جو استاد
(ب) مدرسه عربيه دارالهدي مسڻ وڏي جو ناظم اعليٰ
(ج) جامع مسجد مسڻ وڏي جوخطيب.
(د) اشاعت العلوم لائبريري مسڻ وڏي جو انچارج
(ه) قاضي ابراهيم ميموريل لائبريري مبارڪ جو جروار جو باني.
(و) رحمانيه لائبريري مسڻ جو باني وڏي لائبريرين
(ز) ماهوار مهاڏو حيدرآباد جي صلاحڪار بورڊ جو ميمبر.
(ح) سنڌ امن ڪائونسل جو باني ميمبر.
(ط) نصاب ڪميٽي براءِ جامه تعليمات اسلاميه ڏتاواهه جو ميمبر.
(ي) مشاعره ڪميٽي مسڻ وڏي جو باني.

اضافي قابليت
(الف) انگلش ٽائپنگ جو تجربو.
(ب) ڪمپيوٽر ڪورس جو تجربو.
(ج) جديد عربي بولي/فارسي ۽ اردو زبان ۾ تحرير، ترجمه ۽ گفتگو جو مهارت

سعادت حج حرمين شريفين جي زيارت ۽ سعادت حج و عمره 1998ع

ازدواجي زندگي
شادي شده: ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي
پٽن جا نالا 1 فهيم الدين 2 وسيم الدين 3 نعيم الدين عُرف صدام.

مستقل پتو: ڳوٺ ۽ پوسٽ_مسڻ وڏي (ڪوڊ 2011)
تعلقو ٽنڈوالهيار ضلعو حيدرآباد سنڌ.



- محترم مولوي محمد يامين شورو سنڌي هوليءَ جو گهڻ مشق شاعر آهي. پاڻ شاعري جي لڳ پڳ سيني پابند صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شاعريءَ جا موضوع توحيد، حب رسول، حق گوئي، هجر و فراق وغيره آهن. سندن شاعري اڪثر رسالن ۾ مخزن جي زينت بنجندي رهندي آهي.
- مولوي محمد يامين شورو، سلو شاعر هڻڻ سان گڏ سلو مضمون نگار پڻ آهي. سندس سنڌي ۾ ٻين هولين ۾ ڇپيل مضمون ڏاڍا سگهارا آهن. مولوي محمد يامين شوري جو حج جو سفر نامو "مسڻ ڪان مدينو تائين" پنهنجي نوعيت جو منفرد سفرنامو ۽ جاڻ جي ڪاڻ هڻڻ سان گڏ، حج جو سفر ڪندڙ لاءِ رهبري جو ڪتاب پڻ آهي.
- مولوي يامين شورو هڪ سلو استاد، عالم، انسان دوست اديب ۽ بهترين دوست پڻ آهي.
- سندس هي شعري مجموعو سنڌي شعري ادب ۾ اهم واڌارو آهي.

عبدالحفيظ چنا
سيڪريٽري
سنڌي ادبي سنگت رباڻ چنا